سنڌي ادبي بورڊ

# چين جون مشهور شخصيتون

از
مير عابد علي خان

مترجم
ڊاڪٽر نواز علي شوق

سنڌي ادبي بورڊ

SINDHI ADABI BOARD

ڄام شورو، سنڌ

2021ع







ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پهريون　　اپريل 2021 ع　　تعداد 500

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: هڪ سؤ چاليهه رپيا

(Price, Rs: 140-00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ مئنيجر خضر خان وگهئي ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاهه سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.





# ڇپائيندڙ پاران

چين جي سرزمين تي وڏا عالم، انقلابي اڳواڻ، فلسفي، آرٽسٽ ۽ مدبر سياستدان پيدا ٿيا آهن، جن پنهنجي نظريي ۽ فلسفي ذريعي چين جي تقدير بدلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. چين تي چوويهن خاندان ۽ قبيلن جي حڪومت رهي. چين جي سياسي تاريخ مان پتو پوي ٿو تہ، هُو قوم پرست، محبِ وطن ۽ انفراديت پسند هئا. ’ڪنفيوشس‘ ۽ ’ليوزي‘ روحانيت جي دؤر جا اڳواڻ هئا. جڏهن تہ ’شي هوانگ تي‘ ۽ ’چائن لنگ‘ چين جا عظيم سياسي اڳواڻ ٿي گذريا آهن.

اردو زبان جي مشهور اديب مير عابد علي خان چين جي مشهور نَون شخصيتن جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندن ڪارنامن تي ”مشاهير چين“ جي نالي سان ڪتاب لکيو. جنهن جي اهميت کي پرکيندي سنڌي ادب جي نامياري محقق، اديب ۽ مترجم ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب ان ڪتاب جو ”چين جون مشهور شخصيتون“ جي نالي سان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. ڪتاب جي اهميت کي مدِنظر رکندي پبليڪيشن ڪاميٽي ان ڪتاب کي سنڌي ادبي بورڊ جي اشاعتي رٿا ۾ شامل ڪيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي ته، سنڌي ادب سان گڏ عالمي ادب ۽ دنيا جي مشهور شخصيتن جا شهپارا سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي منظرِعام تي آڻجن، ته جيئن سنڌ واسي پنهنجي ٻوليءَ جي ادب سان گڏوگڏ عالمي ادب کان به واقف ٿيندا رهن. موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين عزتمآب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت اداري طرفان نوان ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. سندن علمي ۽ ادبي گهراڻي سان وابسته هئڻ سبب، بورڊ طرفان نوان ڪتاب اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرِعام تي آڻڻ لاءِ بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميمبر صاحبان جي مشاورت سان بورڊ جي اشاعتي سلسلي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ نت نوان پروگرام جوڙيا آهن. ان ڪانسواءِ سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ ۾ رکيل مختلف موضوعن جي قلمي مخطوطن ۽ پبليڪيشن شعبي ۾ موجود اڻڇپيل مسودن جي اشاعت لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن.

عزتمآب جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن طرفان شروع ڪرايل هڪ سؤ صفحن واري اشاعتي اسڪيم تحت هيءُ ڪتاب ”چين جون مشهور شخصيتون“ اِن سلسلي جي ڪَڙي آهي. جنهن جو پهريون ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي نگرانيءَ ۾ بورڊ طرفان شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.





توقع آهي ته، سنڌي ادبي بورڊ جي هيءَ ڪاوش عالمي ادب سان دلچسپي رکندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

02- رمضان المبارڪ 1442ھ سيد سڪندر علي شاھ

15- اپريل 2021 ع سيڪريٽري

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

## فهرست

1. ڪنفيوشس........................................ 7
2. ليوڌي........................................ 15
3. شي هوانگ تي (پهريون شهنشاهه).............. 19
4. چائن لنگ........................................ 24
5. ڊاويجر راڻي (سي.شي)........................ 29
6. سن يات سين........................................ 35
7. چيانگ ڪائي شيڪ........................................ 46
8. ماؤزي تونگ........................................ 58
9. چوتي........................................ 64
0 ضميمو (الف)........................................ 69
1 ضميمو (ب)........................................ 70
2 مددي ڪتاب ........................................ 72

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

## ڪنفيوشس

ڪنفيوشس جڳ مشهور ماڻهن مان هڪ اهڙو شخص هو، جنهن کي سدائين ياد ڪيو ويندو. هُو اڄ کان اڍائي هزار سال اڳ چين ۾ پيدا ٿيو. هن پنهنجي علم ۽ پنهنجي پيغام سان دنيا کي، خاص طور چين کي اهڙو سبق ڏنو، جو اڄ به سندس اهائي عزت ۽ احترام برقرار آهي. هُو ان عهد جو نمائندو آهي جڏهن چين جو تمدن، چين جي تهذيب ۽ چين جي عظمت ۽ معراج جو دنيا ۾ ڪو مثال نه هو. دنيا علم ۽ ادب، تهذيب ۽ تمدن ۽ صنعت ۽ حرفت ۾ چين کان ئي فيض حاصل ڪيو. چين کي اِيڏي عظمت تي پهچائڻ ۾ ڪنفيوشس جو وڏو هٿ هو. چين جي قديم رهنمائن ۽ عالمن ۾ اڄ هوئي آهي، جنهن جي عزت ۽ احترام اڃا تائين قائم آهي ۽ سندس تعليم هر چيني جو ورثو آهي.

ڪنفيوشس جو اصل نالو ڪُنگ فوزي هو، لاطيني زبان ۾ ڪُنگ فوزي بدلجي ڪنفيوشس ٿي ويو. سندس جنم بابت تمام دلچسپ روايتون مشهور آهن. چون ٿا ته جڏهن ڪنفيوشس ڄائو ته غيب مان موسيقي جا آواز اچي رهيا هئا. ڪنفيوشس جي ماءُ وٽ پريون آيون، ڪمري ۾ خوشبو پکڙجي وئي، جڏهن ڪنفيوشس پيدا ٿيو ته سندس ماءُ کي غيبي آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا جي هن ريت هئا:

SINDHI ADABI BOARD

"هن نينگر جي جنم تي آسمان ۾ خوشيون ٿي رهيون آهن. ان خوشي ۾ آسماني موسيقي ۽ خوشيءَ جا واڄا توکي ٻڌڻ ۾ نٿا اچن؟"

چيو وڃي ٿو ته ڪنفيوشس جي جسم تي اٺونجاهه نشان موجود هئا. انهن نشانن جي ترتيب ان ريت هئي، جڻ چيني لِپي ۾ ڪا عبارت اُڪريل آهي، جنهن جو مطلب هي هو ته "هي شخص انسانذات جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ اهڙا اصول ۽ قانون ترتيب ڏيندو." جنهن سان انسانن جا سڀ اختلاف ختم ٿي ويندا." اهو به مشهور آهي ته جتي سندس جنم ٿيو، ان هنڌ خودبخود هڪ کُوهه ظاهر ٿيو ۽ ويجهوئي هڪ تختي لڙڪيل نظر آئي، جنهن تي لکيل هو "هي شخص بي تاج بادشاهه ٿيندو."

انهن مڙني روايتن مان اندازو ٿئي ٿو ته ڪنفيوشس کي منڍ کان ئي بزرگ ۽ مقدس سمجهيو ٿي ويو. کيس هڪ آسماني پيغمبر سمجهيو ٿي ويو، جيڪو انسانذات جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ زمين تي آيو آهي. ڪنفيوشس جي تعليم ۽ پيغام انهن روايتن ۾ سچائي پيدا ڪئي، سندس پيغام عوام کي هڪ نئين ۽ سنئين واٽ ڏيکاري ۽ گمراهي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪنفيوشس کي نَو ڀينرون هيون ۽ هڪ معذور ڀاءُ هو. سندس والد کي هڪ تندرست پٽ جي اولاد جي خواهش هئي. اها خواهش پوري ڪرڻ لاءِ هن 551 ق.م اين گهراڻي جي هڪ ڇوڪري سان شادي ڪئي. ان وقت سندس عمر ستر سال هئي. هڪ سال کان پوءِ کيس ان نئين گهر مان پٽ ڄائو، جنهن جو نالو "ڪنفيوشس" رکيو ويو. سندس والد لُو رياست جو رهاڪو هو.





جيڪو هاڻوڪي صوبي شانتنگ جو هڪ حصو آهي، سندس تعلق هڪ شاهوڪار گهراڻي سان هو. هو خود سُو تعلقي ۾ اعليٰ فوجي عهدي تي فائز هو ۽ پنهنجي دليري ۽ بهادريءَ سبب گهڻو مشهور هو.

ڪنفيوشس اڃان ٽن سالن جو هو ته سندس والد وفات ڪري ويو. والد جي وفات کان پوءِ هن ڀاروتڻ جو يتيمي وارو زمانو ڏکن ڏاکڙن ۾ گذاريو. خانداني عزت سندس ڏکن ۽ مصيبتن جو ڪو علاج نه ڪري سگهي. هُو ننڍڙي ڄمار ۾ ئي هڪ معمولي ملازمت ڪرڻ تي مجبور ٿيو. مگر انهن مشڪلن هوندي به هن ڪوشش ڪئي ته تعليم حاصل ڪريان، ته جيئن ڄاڻ وڌي. پنهنجي محنت سان ٿوري ئي وقت ۾ هن چيني علوم ۽ فنون تي عبور حاصل ڪيو. اهڙيءَ ريت چيني اعليٰ ادب سان سندس دلچسپي پيدا ٿي. ڪنفيوشس جي ان علمي ذوق، عوام کي اهو سمجهڻ تي مجبور ڪيو ته هي نينگر اڳتي هلي چين جي مستقبل ۾ نئين زندگي تخليق ڪندو.

531 ق.م. ۾ جڏهن ڪنفيوشس جي عمر 19 ورهيه هئي ته سندس شادي ٿي. ان موقعي تي چيني ريتن رسمن جي سخت پابندي ڪئي وئي. ڪجهه وقت کان پوءِ ڪنفيوشس کي ان گهر مان هڪ پٽ ۽ ٻه ڌيئون پيدا ٿيون.

ڪنفيوشس جي خواهش هئي ته هو حڪومت جي معاملن کان پري رهي ۽ ڪابه سرڪاري نوڪري نه ڪري، پر سندس مالي مشڪلن سندس ارادي ۾ تبديلي آندي. شادي جي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ کيس سُو رياست جي گدامن جو داروغو مقرر ڪيو ويو.



سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

سندس سچائي ۽ صلاحيت ڏسي، حڪومت کيس سرڪاري باغن ۽ جانورن جو نگران مقرر ڪيو. مسڪيني کيس اهي نوڪريون ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ڪنفيوشس جيڪڏهن چاهي ها ته رشوت ۽ بي ايماني سان گهڻو ڪجهه ڪمائي سگهي ها ۽ پنهنجي غربت دور ڪري سگهي ها، جيئن ان زماني جا ملازم ڪندا رهندا هئا. پر کيس اها ڳالهه پسند نه هئي، تنهنڪري هُو بي ايماني کان پري رهيو ۽ سڄي عمر مسڪين رهيو ۽ مسڪيني ۾ ئي فوت ٿيو.

ڪنفيوشس کي پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ وڏو صدمو رسيو. جڏهن 526 ق.م سندس والده وفات ڪري وئي. ماءُ جي وڇوڙي جو کيس ايڏو ڏک ٿيو، جو هُو ڇهه سال پنهنجي ماءُ جي سوڳ ۾ رهيو. انهن ڇهن سالن ۾ نه هن ڪو راڳ ٻڌو ۽ نه وري ڪو ساز وڄايو.

517 ق.م تائين ڪنفيوشس متعلق ڪو احوال نٿو ملي. چيو وڃي ٿو ته پنهنجي پياري امڙ جي سوڳ کان پوءِ هن چين جي تاريخ ۽ موسيقي تي تحقيق ڪئي. 517 ق.م ۾ لُو رياست جي ٻن شهزادن ڪنفيوشس کي پنهنجي رياست ۾ اچڻ جي دعوت ڏني. ڪنفيوشس اها دعوت قبول ڪئي ۽ انهن سان گڏ روانو ٿي ويو، اتي کيس بادشاهي ڪتبخاني ڏسڻ جو موقعو مليو. هن تاريخ ۽ موسيقي تي ڪيترائي ڏينهن مطالعو ڪري تحقيق ڪئي. کيس موسيقيءَ سان جنون جي حد تائين چاهه هو. راڳ ٻڌڻ مهل وجد ۾ اچي ويندو هو ۽ دنيا ۽ ان جي ڌنڌن کان دور ٿي ويندو هو. سندس ايمان هو ته ”دنيا جي هن نظام ۾ جيڪو توازن ۽ هم آهنگي قائم آهي، سو موسيقي جي ئي ذريعي برقرار رهي سگهي ٿو.“

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

انهن ڏينهن ۾ ڪنفيوشس وٽ شاگردن ۽ عقيدتمندن جو ميڙو متل هوندو هو. انهن ۾ اڪثر نوجوان هوندا هئا. جيڪي ڪنفيوشس جي سکيا ۽ سهڻي اخلاق کان متاثر ٿي، ڪانئس فيض حاصل ڪرڻ گهرندا هئا. سقراط وانگر ڪنفيوشس جي خواهش هوندي هئي ته نوجوان غلط رستي تي هلي گمراهه نه ٿين. هن ماديت ۽ اخلاقيات جا راز پڌرا ڪيا. سندس درسگاهه ۾ موڳن نوجوانن تي بندش هئي. هو چوندو هو ته هُو مسئلي جي رڳو چوٿين حصي تي ڳالهه ٻولهه ڪندو، باقي ٽن حصن کي هُو پاڻ سمجهڻ جي ڪوشش ڪن.“ کيس 22 ورهين جي ڄمار ۾ هڪ استاد ۽ رهنما جو مقام حاصل ٿي چڪو هو.

رياست لُو ۾ رهائش اختيار ڪرڻ مان اهوئي سمجهيو ويو ته هتي کيس آرام ۽ سڪون ملندو. پر ان ئي سال رياست ۾ هڪ خطرناڪ بغاوت ڀڙڪي پئي ۽ ڪنفيوشس کي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ رياست مان نڪرڻو پيو. هن رياست مان نڪرڻ کان پوءِ مختلف ملڪن جو سير سفر ڪيو. ساڻس گڏ سندس ڪجهه شاگرد ۽ عقيدتمند به هئا، هي انهن سان گڏ تاءِ جبل وٽان گذري رهيا هئا. ته هنن هڪ عورت جي رُئڻ جو آواز ٻڌو. ڪنفيوشس پنهنجي هڪ شاگرد کي چيو ته ”اوڏانهن وڃي حقيقت حال معلوم ڪري اچ.“ معلوم ٿيو ته ان جاءِ تي، ان عورت جي مڙس ۽ پٽ کي هڪ شينهن ماري ڇڏيو آهي. ڪنفيوشس ان عورت کي چيو ته ”تون هِتان هلي وڃ. ڪٿي شينهن توکي به نه ماري ڇڏي.“ ڏکويل عورت چيو ته ”هِتان جي حڪومت ظالم ۽ جابر آهي.“ ان جملي ڪنفيوشس کي بيحد متاثر ڪيو. هن چيو ته ”هن دنيا ۾ انسان

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

شينهن کان ايترو نہ ٿو ڊڄي، جيترو ڪيس ظالم ۽ جابر حڪومت کان خوف آهي.“

517 ق.م کان 498 ق.م تائين ڪنفيوشس چيني ادب تي تحقيق ڪرڻ ۾ گذاريو. تن ڏينهن ۾ هن سرڪاري نوڪري بہ ڇڏي ڏني هئي. ڪنفيوشس جي اعليٰ شخصيت ڪيترن ئي ماڻهن کي عقيدتمند بڻائي ڇڏيو هو. سندس اعليٰ اخلاق سبب سندس شاگردن ۽ عقيدتمندن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو هو. حڪومتن جي سربراهن بہ سندس قابليت کان متاثر ٿي سندس مفيد مشورن کان مستفيد ٿيڻ ٿي چاهيو. رياست چنگ تُو 498 ق.م ڪيس جج جي عهدي تي فائز ڪيو. هن عهدو سنڀالڻ کان پوءِ هڪدم سڌارا آڻڻ شروع ڪيا. عوام جي اخلاقي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ ڪجهہ قاعدا قانون ناهيائين. سندس قابليت کان متاثر ٿي حڪومت ڪيس ترقي ڏئي، ڏوهن روڪڻ واري کاتي جو وزير بڻايو. اهو عهدو سنڀالڻ کان پوءِ هن هڪدم ڏوهہ روڪڻ لاءِ ڀرپور مهم شروع ڪئي. ڪيس ان مقصد ۾ ايڏي ڪاميابي ٿي جو، عيش و عشرت جون محفلون گهٽجي ويون. ڏوهہ ختم ٿي ويا، اهڙي ريت هڪ نئين دور جي شروعات ٿي. هُن ان نئين دور ۾ اهڙا قانون جوڙيا، جن جي ڪري ڪا خرابي پيدا نہ ٿي سگهي. اڄ بہ چين ۾ ڪنفيوشس جا ڪي قاعدا قانون مروج آهن.

SINDHI ADABI BOARD

چنگ تُو رياست جو اهو اوج، پاڙيسري رياستن لاءِ هڪ عذاب هو. جيئن تہ متوازن فضا سبب برائي يا خرابي وڌڻ جو ڪو امڪان نہ هو. ان کان علاوه پاڙيسري ملڪ سهڻو نظام ڏسي، انهن رياستن جي عوام بہ ان جي پيروي ڪرڻ ٿي گهري. ان سهڻي نظام





جي پيروي، فتنو فساد پيدا ڪرڻ وارن لاءِ تباهي ۽ بربادي جو پيغام هو. جيڪو هنن نہ ٿي چاهيو. تنهنڪري انهن پاڙيسري رياستن جي حڪمرانن چنگ تُو جي حاڪم ڏانهن خوبصورت طوائفون، سهڻيون ڳائڻيون ۽ ٻيون خوبصورت ڇوڪريون سوکڙي طور موڪليون. تہ جيئن اُتان جو حاڪم حُسن جي هڳاءُ ۾ مست ٿي وڃي ۽ رياست جي ڪاروبار کان منهن موڙي عيش و عشرت ۾ محو ٿي وڃي. انهن حڪمرانن جي اها چال ڪامياب ٿي ۽ چنگ تُو جو حاڪم عيش و عشرت ۾ لڳي ويو. اهو حال ڏسي ڪنفيوشس اُتان هليو ويو.

482 ق.م ۾ سندس سڪيلڌو پٽ گذاري ويو. هڪ سال کان پوءِ سندس پيارو شاگرد ”ين هوئي“ ان کان پوءِ سندس ٻيو شاگرد ”ڏي لُو“ فوت ٿي ويا. انهن لڳاتار صدمن ڪيس جهوري وڌو. ڏي لُو جي مرڻ کان پوءِ ڪنفيوشس هڪ خواب ڏٺو تہ هُو بہ هن دنيا مان موڪلائي رهيو آهي، ان خواب جو صحيح تعبير ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ظاهر ٿيو. ڪنفيوشس جا آخري پل ڏاڍا ڏکارا ۽ حسرت ڀريا هئا. هڪ وڏي فلسفي ۽ عرفاني هن دنيا کي اڪيلو ۽ بي يارو مددگار ڇڏيو. مرڻ مهل وٽس نہ اولاد هو، نہ ڪو شاگرد ۽ نہ وري ڪو عقيدتمند. جيڪو هن عظيم انسان جو سوڳ ڪري ها. پر قوم پنهنجي محسن کي ڪيئن وساري ٿي سگهي. هنن سندس آخري رسمون شايانِ شان نموني ادا ڪيون، مٿس شاندار قبو اڏرايو. جيڪو اڄ چينين جو ڪعبو سمجهيو وڃي ٿو. ڪنفيوشس جي تعليم ۽ پيغام جا لکين چيني معتقد آهن. پنهنجي رهنما جي مرڻ کان پوءِ

هُو سنڌس پيغام جا پرستار ۽ پائبند رهيا ۽ ڪيس ملڪ جو مهاتما سمجهيو.

ڪنفيوشس هڪ مذهبي رهنما يا درويش نہ هو، جنهن آسماني يا رباني پيغام آڻڻ جي ڪا دعويٰ ڪئي. پر سنڌس مقصد انسانذات جي بهتري ۽ ڀلائي هو، جنهن لاءِ هو اخلاقي قدرن کي اهميت ڏيندو هو. هُو ٻُتن، ديوتائن، نيڪ يا بد روحن ۽ مافوق الفطرت طاقتن تي ويساھ نہ رکندو هو. تنهنڪري هن ڪڏهن بہ انهن کان مدد نہ گهري. هُو جنهن دور ۾ پيدا ٿيو، سو مذهب جي برتري ۽ اهميت جو دور هو. پر ڪنفيوشس انهن سڀني کان هٽي انساني ڀلائي جو پيغام ڏنو. سنڌس سوچ جيڪو سُت سُلجهائڻ ٿي چاهيو، سو انساني زندگي، فطرت ۽ هن دنيا جا مسئلا هئا. هُن پنهنجي دماغ کي اها تڪليف ڏيڻ نٿي چاهي تہ مرڻ کان پوءِ رُوح ڪيڏانهن ٿو وڃي ۽ پوءِ انسان جو ڪهڙو حال ٿو ٿئي.

ڪنفيوشس ڪنهن مذهب يا ملت جو پيغام نہ کڻي آيو هو. هن پيغمبري جي دعويٰ نہ ڪئي هئي. سنڌس اهوئي پيغام هو تہ جيڪڏهن توهان پنهنجو علم ۽ تجربو وڌائڻ گهرو ٿا تہ پڙهندا رهو، اهوئي مطالعو توهان کي هن ڪائنات جا سمورا راز سمجهائي ڇڏيندو.

**ڪنفيوشس جي تعليم:**

چين جي هن مشهور شخصيت جيڪو ورثو ڇڏيو آهي، سو انساني زندگيءَ جو اهڙو گس ۽ ڏس آهي، جيڪو انسانن کي هر خوف ۽ خطري کان بچائي سگهندو. انسانيت جي هن پيغمبر اهو پيغام ڏنو تہ: هن ڪائنات جو هر فرد ”بهترين انسان“ ٿي وڃي. ان





درجي تائين پهچڻ لاءِ هن پنج گُڻ ٻڌايا آهن. جيڪي هي آهن: پاڙيسري جو خيال، عدل ۽ انصاف، حقن ۽ فرضن جو احساس، اعليٰ اخلاق ۽ علم ۽ سچائي.“ بهترين انسان ۾ اهيئي گُڻ هوندا آهن. ان جي هڪ هيءَ بہ وصف آهي تہ هُو پنهنجي هستي ۽ حقيقت کي نٿو وساري. هُو اڪيلائي ۾ بہ پاڻ کي ويجهو ۽ جماعت جو جُز آهي. هو اڳتي قدم وڌائيندو رهي ٿو. هن نيڪ مرد جو اهوئي پيغام هو. جيڪو هُو دنيا کي ڏئي ويو. هُو تعليم جو وڏو حامي هو. ڪيس اهو يقين هو تہ صحيح علم ذريعي ئي انسان پنهنجو پاڻ کي ڳولهي سگهي ٿو. علم ۾ انسان جو روح لِڪل آهي. درحقيقت علم ئي نيڪي ۽ سچائي آهي، صحيح علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ انسان ڪا غلطي نٿو ڪري سگهي.“ سنڌس چوڻ آهي تہ ”جيڪڏهن ڪنهن کي علم ملي تہ هُو ٻين جي رهنمائي ڪري، نہ تہ هن لاءِ اهو بهتر آهي، تہ هُو ماٺ ۾ رهي تہ جيئن سنڌس اڻ ڄاڻائي جي ڪري ڪٿي ٻين کي نقصان نہ پهچي.“

ڪنفيوشس اڻ رهنما جي زندگيءَ جو ورثو آهي، جيڪو اڄ بہ چين ۾ محفوظ آهي. هُو انهن بهترين انسانن جي وجود سان اهڙي حڪومت جو حامي هو، جنهن جو بنياد جمهوريت هجي. سنڌس اهڙي سکيا عوام جي دل ۽ نگاھ ۾ وسعت پيدا ڪئي، ان جو ثبوت سنڌس سکيا کي قبول ڪرڻ ۽ سدائين زندھ رهڻ آهي.

اڄ بہ جڏهن هن جڳ ۾ فسطائيت (Fascism) دنيا جي تباهي ۽ بربادي لاءِ وڌي رهي آهي. ڪنفيوشيت چين ۾ قائم آهي. ۽ ان جو اهو اڳوڻو احترام اڄ بہ موجود آهي.

سنڌي ادبي بورڊ

هن فلسفي، عالم باعمل پنهنجي حياتي جي پوين ڏينهن ۾ هڪ ڪتاب به لکيو، جنهن جو نالو چن چيوُ ڪنگ (Chun chiu King) يعني ”بهار ۽ خزان“ آهي. جنهن ۾ به سؤ ٻائيتاليهه سالن جي تاريخ لکيل آهي. اهو ڪتاب چيني اديبن ۽ عوام لاءِ هڪ مقدس موڙي آهي. ان ڪتاب جا حافظ اڄ به موجود آهن.

ڪنفيوشس جي موت کان به سؤ سال پوءِ سن خاندان جي هڪ حڪمران ’شي هوانگ تي‘ جنهن کي پهريون شهنشاهه چيو وڃي ٿو، ڪنفيوشس جي سيني تصنيفن کي ساڙائي ڇڏيو هو. ان جو سبب اهو هو ته هن نٿي چاهيو ته ڪانئس اڳ جي ڪا تاريخ موجود هجي. پر هُو پنهنجي ان مقصد ۾ ڪامياب نه ٿيو، ڇو ته ڪنفيوشس جي هر تصنيف ۽ تعليم عام ماڻهن جي حافظي ۾ محفوظ هئي. هنن ان کي جيئرو ڪيو جيڪي اڄ به جيئريون آهن.

چين جو هي عظيم انسان بيڪسي جي صورت ۾ هن دنيا مان موڪلائي ويو. ائين ڄاتو ٿي ويو ته موت جسم سان گڏ سندس زندگيءَ جي روح کي به ختم ڪري ڇڏيندو. پر سندس امر پيغام هر مخالفت جو مقابلو ڪيو. تنهنڪري اهو اڄ به زنده آهي. جنهن پاڻ سان گڏ پنهنجي رهنما کي به امر ڪري ڇڏيو آهي. اڄ به چين ۽ ساري دنيا ۾ مسيح کان اڳ جي هن رهنما جي عزت ۽ احترام ۾ ڪا ڪمي ڪانه آئي آهي.

SINDHI ADABI BOARD

◇





سنڌي ادبي بورڊ

# ليوڏيَ

ڪنفيوشس وانگر جنهن شخص پنهنجن ڪارنامن سان پنهنجو نالو روشن ڪيو ۽ اعليٰ مقام حاصل ڪيو، سو ليوڏيَ آهي. ليوڏيَ ڪنفيوشس جو همعصر هو. پر ٻنهين جون راهون ڌار ڌار هيون. ٻنهين جو مقصد انسان جي بهتري ڀلائي ۽ خدمت ڪرڻ هو. اهو مقصد آڏو رکي هنن جدوجهد ڪئي. پر ٻنهين جو طور طريقو، فڪر ۽ شعور الڳ الڳ هو.

چيني زبان ۾ ليوڏيَ وڏي عمر واري، ڪمزور يا ڪراڙي کي چوندا آهن. ليوڏيَ متعلق چيو وڃي ٿو ته هو ٻاهٺ ورهين جي عمر ۾ پيدا ٿيو هو جڏهن پيدا ٿيو هو ته ڪمزوري جي ڪري سندس وار اڇا ٿي ويا هئا ۽ ڪُبو ٿي ويو هو. اڪثر تاريخ نويسن جو چوڻ آهي ته ليوڏيَ ٻاهتر يا ايڪياسي سالن جي عمر ۾ هن دنيا ۾ آيو. اهو اختلاف هڪ طرف، پر سڀ ان تي متفق آهن ته هو ڪراڙپ جي روپ ۾ پيدا ٿيو هو.

ليوڏيَ 604ق.م ۾ رياست چُن ۾ پيدا ٿيو. جنهن کي اڄڪلهه صوبو هونان چيو وڃي ٿو. ليوڏيَ کي شروع کان ئي علم جو شوق هو. تنهنڪري ليوڏيَ استادن ۽ مڪتبن مان استفادو ڪيو. قدرتي ذات، شوق ۽ محنت سان هُو جلدئي هڪ عالم بڻجي ويو ۽ وٽس شاگردن جا ميڙ گڏ ٿي ويا. سندس قابليت ڏسي ڪيس شاهي ڪتبخاني جو سربراهه مقرر ڪيو ويو.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

ليوذيَ جو نالو سندس تعليم ۽ فلسفي جي ڪري زندهه آهي. سندس تعليم اڳتي هلي هڪ مذهب جي شڪل اختيار ڪئي. چيني عوام ڪيس تيوازم (Taoism) يا ليوذيت مذهب جو باني سڏيو آهي. هو سندس عبادت ڪندا آهن ۽ سندس فلسفي جا معتقد آهن ان فلسفي جو پيرائتو احوال سندس تصنيف تائوتي.ڪنگ (Tao.Te.King) ۾ موجود آهي، جيڪو ٻن ڀاڱن ۾ آهي ۽ ان جا چهاسي باب آهن.

**ليوذيَ جي تعليم:**

انسان جي ڪامياب زندگيءَ جو مدار ۽ ڇوٽڪاري واري واٽ ان ۾ لِڪل آهي ته هُو دنيا کي ڇڏي ڏي، پنهنجي فطرت مان دنيا جا بکيڙا دور ڪري ڇڏي، سندس برتري، تقدس ۽ عظمت جو اهوئي ذريعو آهي ته هُو دنيا سان ڪوبه مادي رشتو ناتو نه رکي.

جنهن دور ۾ ڪنفيوشس ۽ ليوذيَ انسانذات لاءِ امن ۽ ڇوٽڪاري جا پيغام ڏئي رهيا هئا، سو چين ۾ فتني فساد، جهيڙن جهٽن ۽ گهرو ويڙهه جو دور هو. ڪيترن ئي رياستن جا حڪمران پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. حڪومت جي ظلمن ۽ زيادتين عوام جا حال هيٺا ڪري ڇڏيا هئا. ويتر قدرتي قهر اوچتو مٿانئن اچي ڪڙڪيو، خطرناڪ طوفان ڪان پوءِ وڏي ٻوڏ اچي وئي. لکين ماڻهو دربدر ٿي ويا. انهن عذابن ماڻهن ۾ اهو ويساهه پيدا ڪيو ته اهي تباهيون ۽ برباديون آڻڻ ۾ فطرت يا ڪنهن غيبي طاقت جو هٿ آهي. انهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ليوذيَ دنيا کان دور رهڻ جي تلقين ڪئي.

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

چيني عوام مان ڪيترائي غيبي مخلوق جا قائل هئا. سندن عقيدو هو ته جن، ڀوت ۽ بدروح انساني تقدير جا مالڪ آهن هُو انهن اڻ ڏٺل (غيبي) طاقتن کي مصيبتن آڻڻ جا خالق سمجهندا هئا. تنهنڪري کين راضي ڪرڻ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيندا هئا. هُو سندن اڻ ڏٺي سگهه جا مڃيندڙ ۽ پوڄاري هئا. ليوذيَ ان ٽولي جي ترجماني ۽ رهنمائي ڪئي ۽ روحانيت يا تصور پرستي جي بنيادن تي پنهنجي فلسفي کي ترقي وٺرائي.

ليوذيَ جي فلسفي جو هي بنياد آهي ته، انسان جو ظاهر ۽ باطن ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. جن کي يانگ (Yang) ۽ ين (Yin) چيو وڃي ٿو. يانگ مذڪر آهي، اهو خلقي ۽ مثبت خاصيتن وارو آهي ۽ ”ين“ مؤنث آهي. اهو منفي ۽ اڪتسابي خاصيتن وارو آهي. ”يانگ“ کي ڪنين واري نانگ (Dragon) ۽ ”ين“ کي شينهن سان تشبيهه ڏني وڃي ٿي. جڏهن انهن ٻنهن ۾ هم آهنگي ۽ ڳانڍاپو رهي ٿو ته دنيا ۾ امن ۽ آشتي جو دور رهي ٿو. هم آهنگي ۽ هڪجهڙائي جا اهي جزا اهي ليوذيَ جي خيال مطابق، مٽي، ڌاتو، ڪاٺي، باهه ۽ پاڻي ۾ به موجود آهن. جڏهن انهن ٻنهن مان هيڪڙائي ۽ لهه لاڳاپو ختم ٿي وڃي ٿو، ته دنيا ڏکن ڏاکڙن ۽ مصيبتن ۾ وڪوڙجي وڃي ٿي. زلزلا، واچوڙا ۽ طوفان اچن ٿا، جنگيون جهيڙا ۽ مار ڌاڙ شروع ٿي وڃي ٿي.

SINDHI ADABI BOARD

ليوذيَ اهو فلسفو انسان تي به لاڳو ڪيو ته ”اهو ماڻهو ڪامياب رهي ٿو، جنهن جي ظاهر ۽ باطن ۾ ”يانگ“ ۽ ”ين“ جهڙي هم آهنگي هجي. هن ان فسلفي جي تشريح ۾ پنهنجو سارو وقت صرف ڪيو.

سنڌي ادبي بورڊ

ليوڏيَ جو فلسفو ڪنهن سگهاري بنياد تي ٻڌل نہ آهي. سندس سوچ ۾ فلسفو جڏهن ڪمزور ٿي وڃي ٿو ۽ ڪيس ڪو جواب نہ ٿو سُجهي، تہ هُو ذومعنيٰ چوڻين جو سهارو وٺي اڳتي وڌي ٿو. ان سهاري جي آڌار تي هو شڪ شبها ختم ڪرڻ چاهي ٿو. جڏهن سندس سوچ سمجهہ ۾ ڏاهپ ڪو مامرو سلجهائي نہ ٿي سگهي، تہ هُو اهو چئي چپ ٿي وڃي ٿو ۽ اعتراف ڪرڻ وارن کي بہ ماٺ ڪرائي ڇڏي ٿو، تہ اهو مهان تائو جو طريقو آهي. اهو مهان تائو يا تہ ڪا وڏي هستي آهي، جنهن کي خدا چئون يا خود سندس ذات آهي. جيڪا تجلي يا غيبي آواز ٻڌي، انساني قافلي کي حڪم ڪري رهي آهي. ليوڏيَ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ مسئلا تائو جي حوالي ڪري، ماٺ تي وڃي ٿو، تنهنڪري شڪ شبها اتي ئي رهجي وڃن ٿا.

ليوڏيَ انسان جي عظمت جو فلسفو پڻ ڏنو آهي. سندس فلسفي موجب اعليٰ انسان اهو آهي جيڪو ڏاهو هجي. جڏهن هُو بناوت ۾ ظاهري ڏيک ويک کان پري رهندو، تہ سندس بي نيازي منجهس روشني پيدا ڪندي ۽ نوڙت نياز ۽ شفقت ان جو ڪردار هوندو.

ليوڏيَ هڪ سماج سڌارڪ ۽ فلسفي کان وڌيڪ خيالي يا تصور پرست پڻ هو. هن جڏهن ڏٺو تہ عوام ڪنفيوشس کي گهڻو مڃي ٿو ۽ ان جي تبليغ ۽ تعليم کان گهڻو متاثر آهي، تہ پنهنجي ناڪامي تي ڪيس گهڻو ڏک ٿيو. نتيجي ۾ هُو مايوس ٿي، ڪنهن ٻئي پاسي هليو ويو. ڪيس اها خبر نہ هئي تہ سندس آواز ائين گم ٿي ويندو.

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

ليوڏيَ جي فلسفي جو بنياد اڻ ڏٺي تي هو. هُو جنهن دنيا ۾ رهيو ٿي، هُو ان سان لاتعلقي جو قائل هو. هُن دنيا کي ترڪ ڪرڻ ۽ تياڳ کي ئي انساني بهتري ۽ ڀلائي جو ذريعو ٿي سمجهيو. ڪنفيوشس اخلاقي فلسفي جو خالق هو. هُو اخلاقي ۽ معاشرتي زندگي جي پائداري لاءِ ڪي اهم اصول پيش ڪري رهيو هو. تنهنڪري سندس فلسفي ۾ هم آهنگي ۽ توازن نظر اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو سندس پيغام گهڻو مقبول ٿيو.

ليوڏيَ هڪ مايوس ۽ ناڪام شخص وانگر هن دنيا مان هليو ويو. اهو پتو پئجي نہ سگهيو آهي، تہ سندس گمنامي جا ڏهاڙا ڪٿي ۽ ڪيئن گذريا؟ پر ان ناڪام فلسفي کي پنجن صدين کان پوءِ سندس عقيدتمندن وري جياريو ۽ سندس فسلفي کي مذهب جي حيثيت ڏني وئي. چين جا خاص ٽي مذهب آهن: ڪنفيوشس جو مذهب، ليوذيت ۽ ٻڌمت. انهن ۾ ليوذيت ان فلسفي جو يادگار آهي. جڏهن پهرين صدي عيسوي ۾ چين ۾ ٻڌمت پکڙيو ۽ ان مت جي پوئلڳن پنهنجا پنهنجا مندر ٺهرايا تہ ليوذيت جي پوئلڳن بہ پنهنجا مندر ٺهرايا ۽ پنهنجي مذهب کي زور وٺرايو.

چيني فلسفي ۾ ڪنفيوشس ۽ ليوڏيَ کان پوءِ ڪا خاص نمايان تبديلي نہ آئي، بلڪ بعد جي مفڪرن ۽ فلسفين انهيءَ فلسفي جي شرح يا ان ۾ سڌارو ڪيو آهي. ڪو نئون خيال يا نيون راهون پيدا نہ ٿيون آهن. مثلاً ليوڏيَ جي روحن واري فلسفي يا جن ڀوت کي اڄ جديد چين ۾ گهٽڻ خدائن وارو فلسفو چيو وڃي ٿو ۽ ان جي تشريح ۽ وضاحت، ڪانئس پوءِ جي فلسفين ڪئي آهي.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

چين جو هي خيالي فلسفي ڪٿي ابدي ننڊ ۾ آرامي آهي، سندس گمنامي ۽ وطن ڇڏي وڃڻ جو سبب معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. پر سندس فلسفو سندس موت کان پوءِ بہ زندهہ آهي ۽ اڄ بہ ان فلسفِي جي فڪر کي چين ۾ اهائي اهميت حاصل آهي، جيڪا سندس خواهش هئي. ڪنفيوشس ۽ ليوزي جي فلسفي چين جي فڪري زندگيءَ جي اوسر ۾ اهوئي ڪم ڪيو، جيڪو سقراط، ارسطو ۽ افلاطون يونان ۾ ڪيو.

◈

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

# شي هَوانگ ٽي

(پهريون شهنشاهہ)

چين جي وڏي ملڪ ۾ ننڍيون ننڍيون رياستون هونديون هيون، جن جا مختلف حڪمران پنهنجي پنهنجي روايتن جا پابند هوندا هئا. چينين جون ننڍيون ننڍيون رياستون، رنگ، نسل، مذهب ۽ زبان جي هم آهنگي باوجود پاڻ ۾ اختلاف رکنديون هيون. انهن اختلافن سبب هُو اڪثر هڪٻئي سان وڙهندا رهندا هئا. جنگيون جهيڙا عام جام هوندا هئا. چين جو سياسي ايڪو ئي اهو اختلاف ۽ جنگيون جهيڙا ختم ڪري سگهيو ٿي. اهي جنگيون جهيڙا ختم ڪرڻ وارو متحده چين جو باني ’شي هَوانگ ٽي‘ هو، جنهن سڀني رياستن کي فتح ڪري، هڪ مرڪزي حڪومت هيٺ انهن رياستن کي منظم ڪيو.

شي هَوانگ ٽي 271 ق.م ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق شاهي خاندان سان هو. سندس ڏاڏو فقط ٽي ڏينهن حڪمران رهڻ کان پوءِ فوت ٿي ويو. ڪانئس پوءِ شي هَوانگ ٽي جو والد تخت تي ويٺو. اهو بہ ٽي سال حڪومت ڪرڻ کان پوءِ گذاري ويو. شي هَوانگ ٽي پنهنجي والد جي وفات وقت ننڍو نينگر هو. سندس مٽن مائٽن جي مرضي هئي تہ اهي تخت تي وهن. چاڪاڻ تہ ان وقت شي هَوانگ ٽي جي عمر تيرهن سال هئي. پر هُو انتهائي ذهين ۽ دلير هو، سندس مرضي هئي تہ پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ هُو ئي

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌس جانشين بڻجي. تنهنڪري هُو پنهنجي ذهانت ۽ همت سان تخت تي ويٺو ۽ سنڌس مٽ مائٽ ناڪام ٿي ويا.

رياست چُن جو هي حڪمران سڄي چين جو پهريون شهنشاهه هو. جنهن هڪ وڏي شهنشاهت قائم ڪئي ۽ متحده چين جو بنياد رکيو. شي هَوانگ ٽي تخت تي ويهڻ کان پوءِ ملڪ جي فوجي سگهه ۾ واڌارو ڪيو ۽ پاڙي واري رياستن تي حملو ڪري کين شڪست ڏني. پاڙيسري ملڪن ۾ چاؤ خاندان گهڻو مشهور ۽ مٿانهون هو. هن انهن جو به زور ختم ڪري کين پنهنجي قبضي هيٺ آندو. ان عظيم متحده رياست کي هن سٺن صوبن ۾ ورهائي، کين پنهنجي حڪومت هيٺ آندو. ايڏي وڏي ڪاميابي منجهس فتحن جو وڌيڪ شوق ۽ جذبو پيدا ڪيو. هن ڪيترين ئي ننڍيون رياستون فتح ڪري، انهن کي پنهنجي شهنشاهت سان ملائي ڇڏيو. ان وقت سنڌس عمر فقط سورهن سال هئي. ننڍي ڄمار ۾ هن وڏي بهادري ڏيکاري، سنڌس حڪومت ڪرڻ جي طريقي ۽ بهادريءَ جي سڄي چين ۾ شهرت هئي. پر ڪي ماڻهو سنڌس مخالف به هئا. تنهنڪري ڪي سگهارا حڪمران ڳجهه ڳوهه ۾ بغاوت ۽ دنگو فساد مچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. شي هَوانگ ٽي کي جڏهن اها خبر پئي ته هن پنهنجي رياست کي ڇٽيهن ضلعن ۾ ورهايو. ته جيئن انتظام ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي ۽ معمولي مخالفت کي به هڪدم پنجو ڏئي سگهجي.

SINDHI ADABI BOARD

انهن فتحن کان پوءِ شي هَوانگ ٽي انهن رياستن کي متحد ڪرڻ شروع ڪيو. قاعدا قانون ناهيائين ۽ مختلف سياسي اقتدار ختم ڪري، انهن کي هڪ مرڪزي حيثيت ڏنائين. اهڙي ريت هن





سنڌي ادبي بورڊ

ننڍين وڏين رياستن ۾ ورهايل ملڪ کي متحد ڪري هڪ مستحڪم ملڪ بڻايو. چين کي متحد بڻائڻ وارو هي شخص نه صرف هڪ فاتح هو. جنهن جو بادشاهت جو شوق هڪ طوفان تي اُڀريو ۽ پوءِ پُرسڪون ٿي ويو. پر هُو هڪ سياسي مدبر به هو. جنهن فتح ڪيل علائقن تي پنهنجو اقتدار مضبوط رکڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌس بادشاهت اُتر ۽ ڏکڻ ۾ ڪوريا کان خط استوا تائين ۽ اوڀارين ڪوريا کان اولهه ۾ سنشي صوبي ۽ ذي شيون صوبي تائين پکڙيل هئي. 221ق.م ۾ شي هَوانگ ٽي سڀني رياستن جو شهنشاهه ٿي ويو هو.

فتحن جي ان دور جي پڇاڙي ۾ هن سڌاري طرف به توجهه ڏنو. حڪومت جي گاديءَ واري هنڌ هن مختلف هنڌن تي سون ۽ پتل جا انساني قد جيترا مجسما کڙا ڪرايا ته جيئن عوام سنڌس بادشاهت جي رعب ۾ رهي ۽ بغاوت ڪرڻ کان باز رهي. پر سنڌس اها ڪوشش ڪامياب نه ٿي. جيئن ته عوام کي اها اصراف ۽ فضول خرچي پسند نه ڪئي، تنهن ڪري سنڌن نمائندن ڪنفيوشس ۽ ليوڏي جي تعليم جا مثال ڏنا ۽ يادگار طور بت کڙا ڪرڻ کي فضول سمجهيو. شي هَوانگ ٽي اهي اعتراض برداشت نه ڪري سگهيو. هن پڪو پهه ڪيو ته قديم دور جي ڪا تاريخ، ڪو تذڪرو ۽ قديم ڪتاب موجود نه هجن. ته جيئن عوام ماضي متعلق بلڪل بيخبر رهي. ۽ نه وري حال تي تنقيد ڪري سگهي. تنهنڪري هن ڪيترائي ڪتبخانا ساڙائي ڇڏيا. انفرادي طور ڪيس جتي به ڪي قديم ڪتاب نظر آيا. ته هن اهي سڀ ساڙائي ڇڏيا. هن چاهيو ٿي ته چين جي تاريخ سنڌس دور کان شروع ٿئي ۽ ان کان اڳ جو ڪو

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

تذڪرو يا تاريخ موجود نہ هجي. ان ڪري هن شي هَوانگ تي (يعني پهرين بادشاهہ) جو لقب اختيار ڪيو. چين جي عالمن، مؤرخن ۽ وقائع نگارن سندس ان ڳالهہ تي اعتراض ڪيو، تہ هن انهن کي جيئري جلائي ڇڏيو. هن چيو تہ ”چين جي تاريخ جي شروعات مون کان ئي ٿيندي.“ اهي ڪتاب جن جو تعلق طب، نجوم، جوتش ۽ زراعت سان هو، هن انهن سان هٿ چراند نہ ڪئي، تنهنڪري اهي محفوظ رهيا. باقي سڀ ڪتاب ساڙائي ڇڏيائين. پر ڪي ڪتاب ماڻهن لِڪائي ڇڏيا هئا، تنهنڪري اهي سڙڻ کان بچي ويا، جن جي ذريعي چين جي پهرين شهنشاهہ کان اڳ جو احوال معلوم ٿئي ٿو.

شي هَوانگ تي هڪ اهڙو عاليشان محل تعمير ڪرايو، جهڙو هڪ عرصي تائين دنيا ۾ ڪٿي بہ موجود نہ هو. سيني دروازن ۾ هيرا موتي جڙيل هئا. ڇتين تي سون ۽ چاندي جو ڪم ٿيل هو. اڄ بہ ان محل جا ڪجهہ آثار موجود آهن.

شي هَوانگ تي هڪ خواب ڏٺو تہ ڪنهن ٻاهرئين ملڪ جو رهاڪو سندس بادشاهت ۾ اچڻ چاهي ٿو. هو نيزو هٽي رهيو آهي. سندس قد سٺ فوٽ هو ۽ پير بہ گز ڊگها هئا. ان خواب ڪيس ڏاڍو پريشان ڪيو. هن انهيءَ خواب جو تعبير پڇيو، ڪيس ٻڌايو ويو تہ ڪنهن ڌارئي ملڪ جا رهواسي سندس ملڪ تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا. تنهنڪري هن وڏي پٿ اڏڻ جو ارادو ڪيو تہ جيئن ڌارين جي حملن کان بچاءُ ٿي سگهي. لڳاتار ٽي سال ڪاريگر ڪم ڪندا رهيا. پٿ تيار ٿي وئي، جنهن کي ”ديوارِ چين“ سڏيو وڃي ٿو. جنهن کي چيني زبان ۾ ”وان لي چانگ چنگ“ (Wan Lichang Ching)

SINDHI ADABI BOARD





سڏيو ويندو آهي، جيڪا ڏهہ هزار ميل ڊگهي ۽ ايتري ويڪري آهي جو ان تي ٽي گهوڙا هڪ ئي وقت ڊوڙي سگهن ٿا. ٻن ٻن ميلن جي مفاصلي تي ان ديوار ۾ ننڍا ننڍا قلعا ٺهرايا ويا آهن، تہ جيئن ان ۾ فوجي هر وقت موجود رهن. جان گنٿر چيو آهي تہ ”دنيا جي سيني اڏاوتن ۾ اهائي هڪ ديوار آهي، جيڪا مريخ کان نظر اچي ٿي.“ اڄ اها ديوار دنيا جي ستن عجائبن ۾ شامل آهي.

شي هَوانگ تي جو هڪ ٻيو اهم ڪارنامو هي آهي تہ هن شاهي مُهر ايجاد ڪئي، چيو وڃي ٿو تہ ٻين ملڪن چين جي مُهر ڏسي، پنهنجن پنهنجن ملڪن ۾ مُهرون ٺهرايون. چين واري پهرين مُهر تي مڇي ۽ جهرڪين جي تصوير اُڪريل آهي.

شي هَوانگ تي جي زندگي هڪ لڳاتار عمل هئي. ان ۾ ڪڏهن بہ وٿي يا ساهي نہ آئي. هڪ ٻئي پٺيان فتحون ڪرڻ، سڏارا آڻڻ کان پوءِ هُو عيش و عشرت ۾ مصروف ٿي ويو. لڳاتار محنت ۽ عيش و عشرت کيس ڪمزور ڪري وڌو. هُو پندرهن سال حڪومت ڪرڻ کان پوءِ پوڙهو ٿي ويو. ڏينهون ڏينهن هيٺو ۽ ڪمزور ٿيندو رهيو.

پهرين بادشاهہ جو سڀ کان وڏو ڪارنامو چين کي متحد ڪرڻ آهي. هن ننڍيون وڏيون رياستون فتح ڪري هڪ وڏو ملڪ ٺاهيو. هر رياست جي انفرادي روايتن ۽ رسمن کي بہ ختم ڪري ڇڏيو تہ جيئن ان ۾ هيڪڙائي ٿي وڃي ۽ ان ريت ملڪ صحيح معنيٰ ۾ متحد ٿي سگهي. واپار وڌائڻ ۽ رياستن ۾ ميل ميلاپ

سنڌي ادبي بورڊ

پيدا ڪرڻ ۽ لهه لاڳاپا پيدا ڪرڻ لاءِ هن سڙڪون ٺهرايون ۽ ڪي سواريون بہ ايجاد ڪيون. قبل مسيح جي ان دور ۾ هڪ سڙڪ ڇهه سؤ ميل ڊگهي هئي، جيڪا شي هَوانگ تي جي عوامي ڀلائي وارن وڏن ارادن ۽ اُمنگن جو هڪ چِٽو ثبوت آهي.

206 ق.م شهنشاهه گذاري ويو. مؤرخن ان کي اونداهو دور سڏڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. چاڪاڻ تہ هُو علم دشمن هو، هن علم کي تباهه ڪيو. تنهنڪري مؤرخن سندس دور کي اونداهو دور سڏيو آهي.

چين جي تاريخ ۾ شي هَوانگ تي اهو پهريون حڪمران آهي، جنهن جو سياسي اقتدار اهميت وارو آهي. هن ڪوشش ڪئي تہ چين متحد ٿي وڃي. اڄ سندس اها ڪوشش ماڻهن کان وسري وئي آهي. ماڻهو سندس ٺهرايل ديوار کي وڏو ڪارنامو سڏين ٿا ۽ ان ديوار جي نسبت سان ئي کيس ياد ڪن ٿا.

◈

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

## چائن لنگ

چائن لنگ هڪ وڏو اديب ۽ عالم هو. هُو نہ صرف هڪ شهنشاهه هو، پر وڏو جرنيل بہ هو. هُو چين جي عظمت ۽ معراج جو آخري يادگار هو. سندس دور ۾ چين آزادي ۽ اقتدار جي عروج تي هو. سندس موت کان پوءِ حڪومت جو اهڙو زوال آيو. جو ڪجهه سالن کان پوءِ بادشاهت هميشه لاءِ ختم ٿي وئي ۽ جمهوريت جو جنم ٿيو. چائن لنگ گهڻين ئي خوبين جو مالڪ هو. هُو هڪ اديب، آرٽسٽ، جرنيل، مدبر سياستدان ۽ محبِ وطن پڻ هو. شروع ۾ هُو صرف هڪ اديب هو، بعد ۾ زماني جي حادثن ۽ تبديلين کيس گهڻو ڪجهه بڻائي ڇڏيو.

مانچو خاندان جي باني ”شن چي“ چين ۾ هڪ نئين دور جي شروعات ڪئي. هن منگ خاندان کي شڪست ڏيئي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. شروع جي ٽن حڪمرانن وڏي ٺٽ ٺانگر سان حڪومت ڪئي. هنن ملڪ جي بهتري ۽ ترقيءَ لاءِ ڪيترائي ڪم ڪيا، پر انهن ٽنهن ۾ سڀ کان سهڻو ۽ متانهون چائن لنگ جو دورِ حڪومت هو.

چائن لنگ، شهنشاهه ينگ چنگ جو جانشين هو. جيڪو حرم جي هڪ خاص خاتون جي پيٽان پيدا ٿيو هو. ان جي شروعاتي زندگي مطالعي ۽ تحقيق ۾ گذري. کيس سياست سان ڪا دلچسپي نہ هئي ۽ حڪومت جي معاملن سان بہ سندس ڪا دلچسپي نہ هئي. علمي ذوق ۽ اخلاقي فضيلت سبب هو گهڻو

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

مشهور هو. هُو تصنيف، تاليف ۽ تحقيق ۾ ايترو محو رهندو هو، جو ڪيس عوام جي حالتن بابت ڪا ڄاڻ نہ هوندي هئي.

جڏهن سندس والد وفات ڪئي تہ ان وقت سندس عمر پنجويهہ ورهيہ هئي. حڪومت جي اميرن مٿس حڪومت جون واڳون سنڀالڻ لاءِ زور ڀريو. هن جواب ڏنو تہ ”ڪنهن ملڪ جي حڪمراني وڏي ذميواري آهي. اسان جي وڏڙن جيڪي اعليٰ روايتون قائم ڪيون آهن، تن تي هلڻ سان ئي ملڪ ترقي ڪري سگهندو. عوام جي حقن جي حفاظت ۽ دشمن جي حملن کان ملڪ کي محفوظ رکڻ اهڙيون ذميواريون آهن، جيڪي شايد مان سهڻي نموني پوريون ڪري نہ سگهان.“

چائن لنگ جو اهو جواب سلطنت جي اميرن کي اهڙو وڻيو، جو هنن پڪويهہ ڪيو تہ اهوئي شهزادو هن ملڪ تي حڪومت ڪري. هنن کي خبر هئي تہ حڪومت هٿ ڪرڻ لاءِ جنگيون وڙهڻيون پونديون آهن. پر چائن لنگ جانشين هئڻ باوجود انڪار ڪري ٿو ۽ ڪيس حڪمراني جي حقن ۽ فرضن جو بہ وڏو احساس آهي. انهن خصوصيتن جي ڪري اميرن وزيرن چائن لنگ کي مجبور ڪيو تہ هُو تخت تي ويهي. انهن جي زور ڀرڻ تي هن نيت ها ڪئي ۽ هو 1735ع ۾ تخت تي ويٺو. تاجپوشي کان پوءِ هن چار معلم مقرر ڪيا، جيڪي ڪيس سياست جي معاملن بابت تعليم ڏيندا رهيا.

SINDHI ADABI BOARD

سندس دور جو پهريون اهم واقعو يورپ جي تبليغين ۽ چينين جي وچ ۾ جهيڙو هو. علحدگي پسند چينين اهو نہ ٿي چاهيو تہ عيسائي يا ڪنهن ٻئي مذهب وارا چين ۾ اچي پنهنجي مذهب جو پرچار ڪن ۽ چيني مذهب ۽ ان جي انفراديت کي ڪو نقصان





سنڌي ادبي بورڊ

پهچائين. چائن لنگ جي ڏاڏي جي زماني کان ئي ان قسم جا نفرت ۽ ڇڪتاڻ وارا جذبا پيدا ٿي رهيا هئا. ان ڏکيي عرصي ۾ يورپ جا مذهبي پرچاري پنهنجي مذهبي پرچار جو دائرو وسيع ڪري رهيا هئا. اهوئي سبب آهي جو چائن لنگ حڪم ڪيو، تہ سندس ملڪ ۾ ٻين ملڪن جي مذهبن جي تبليغ هڪدم بند ڪئي وڃي. پر اهي پرچاري، جيڪي مذهبي پرچار کان سواءِ پنهنجي سياسي مقصدن لاءِ پڻ آيا هئا، تن انهن پابندين جي ڪا پرواهہ نہ ڪئي، تنهنڪري هنن پنهنجو ڪم جاري رکيو. جنهن تي چائن لنگ کي ڏادي ڪاوڙ آئي ۽ ڪين سخت سزائون ڏنائين. اها ڇڪتاڻ ان وقت گهڻو وڌي وئي، جڏهن فلپائن ٻيٽن جي چيني باشندن کي اسپيني باشندن، عيسائيت قبول نہ ڪرڻ تي سخت سزائون ڏنيون. ان سزا جو بدلو چين ۾ ورتو ويو. اسپيني تبليغي مرڪز، جيڪي چين ۾ ٺهرايا ويا هئا، سي سڀ ڊاهي پٽ ڪيا ويا ۽ اسپيني مبلغن کي ڳولهي ڳولهي قتل ڪيو ويو. اهي سموريون ڪارروايون شهنشاهہ جي حڪم سان ڪيون ويون.

ان فساد کان پوءِ 1751ع ۾ چائن لنگ جي گهرواري ۽ وڏو پٽ فوت ٿي ويا. انهن ٻنهن جي وڇوڙي ڪيس جهوري وڌو. هُو هر وقت مغموم ۽ ملول رهڻ لڳو. پنهنجي گاديءَ وارو هنڌ ڇڏي جيهول واري فرحت بخش علائقي ۾ وڃي رهڻ لڳو. جيڪو اُتر چين ۾ آهي.

SINDHI ADABI BOARD

وچ ايشيا جا ويڙهاڪ سردار، چين جي آزادي ۽ امن لاءِ هڪ مستقل خطرو هئا. هو جڏهن چين جي سياست ۾ گهوٽالو محسوس ڪندا هئا، تہ مٿس حملو ڪندا هئا. چائن لنگ اهو خطرو محسوس ڪندي، طي ڪيو تہ چين جي مستقبل کي ان خطري کان بچائڻ لاءِ

سنڌي ادبي بورڊ

کو تدارڪ ڪيو وڃي. هن جنگي جوڌن جي هڪ وڏي فوج تيار ڪئي ۽ مناسب موقعي جي تاڙ ۾ رهيو. مناسب وقت جو انتظار ان ڪري ڪيو ٿي ويو جو وچ ايشيا بدامني، قتل ۽ مارڌاڙ جو هڪ خوني مرڪز هو. ڪانئس اڳ چين جي حڪمرانن کي اها همت نه ٿيندي هئي، ته هو انهن جو مقابلو ڪري سگهن. چائن لنگ موافق موسم ۾ مناسب حالتن ۾ هڪ وڏي فوج سان متن حملو ڪيو ۽ کين عبرتناڪ شڪست ڏني. اهڙيءَ ريت هن وچ ايشيا جي سيني باغي قبيلن کي پنهنجي قبضي ۾ آندو.

چائن لنگ جي ان مهم ملڪ کي امن ۽ آزادي ڏني. انهن فسادين کي ماري ڇڏيو، جيڪي اڪثر بغاوت ڪندا رهندا هئا. وچ ايشيا جي قبضي جي اها تحريڪ ڏاڍي دلچسپ آهي. خاشگر هڪ ننڍي رياست آهي، جتي تخت نشينيءَ لاءِ شاهي خاندان جا سدائين جهيڙا ٿيندا رهندا هئا. ان جهيڙي ۾ ديواستي (Devasti) هڪ امير امرسينا جي مدد سان تخت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. امرسينا جي حيثيت هڪ ”بادشاهه گر“ واري هئي، هُو جنهن کي چاهيندو هو، تنهن کي تخت تي ويهاريندو هو. بعد ۾ ڪيس بادشاهه بنجڻ جو حرص ٿيو. هن ديواستي کي شڪست ڏئي، پنهنجي حڪومت جي شروعات ڪئي. ديواستي به ان شڪست جو ڪانئس بدلو وٺڻ ٿي چاهيو. هن ڪجهه اميرن جي مدد سان فوج تيار ڪئي ۽ امرسينا تي حملو ڪري ڪيس شڪست ڏني. امرسينا اتان ڀڄي چائن لنگ جي دربار ۾ آيو. ڪيس ڏن ڏيڻ ۽ سندس فرمانبردار ٿي رهڻ جو واعدو ڪري ڪانئس مدد گهريائين. چائن لنگ امرسينا کان وچ ايشيا جي حالتن بابت مڪمل ڄاڻ حاصل ڪئي. امرسينا جي اچڻ ۽

SINDHI ADABI BOARD





وسطي ايشيا جي حالتن بابت واقفيت. دراصل وچ ايشيا جي مهم جي ذميوار آهي.

چائن لنگ امرسينا جي فوجي مدد ڪئي، ديواستي کي شڪست ڏئي، ڪيس تخت تي ويهاريو. هن تخت تي ويهڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ پنهنجي خودمختاري جو اعلان ڪيو ۽ چائن لنگ جي اطاعت کان انڪار ڪيائين. ۽ چيني فوج جيڪا خاشگر ۾ مقرر ٿيل هئي، ان جو به خاتمو ڪري ڇڏيائين. امرسينا جي ان ڏاڍائي تي چائن لنگ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. هن پنهنجي وزيرن ۽ مشيرن جي مشورن خلاف امرسينا جي مدد ڪئي هئي. جنهن جي بدلي ۾ هن بيوفائي ڪئي. نه صرف بيوفائي بلڪ وڏي زيادتي ڪئي. امرسينا جي ان بيوفائي ۽ ڏاڍائي جو چائن لنگ بدلو وٺڻ چاهيو. هن وچ ايشيا تي حملو ڪيو. تاتارين، منگولن ۽ ترڪن سندس مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر چائن لنگ جي طوفاني حملي جي ست سهي نه سگهيا. ان جنگ ۾ خاشگر، يارقند، خوقند مطلب ته هن سڄي وچ ايشيا وارو علائقو فتح ڪيو.

ان جنگ کان پوءِ چائن لنگ 1768ع ۾ برما تي حملو ڪري، ان کي فتح ڪيو. ان فتح کان ڪجهه ڏينهن پوءِ چيني فوجن نيپال تي حملو ڪري ان تي قبضو ڪيو. اهڙي ريت شهنشاهه چائن لنگ جي حڪومت جون حدون افغانستان ۽ هندوستان جي حدن جي ويجهو پهچي ويون.

چائن لنگ عيسائيت ۽ مغربي قومن جو سخت مخالف هو. هن چين جي حدن ۾ عيسائيت جي تبليغ تي پابندي وجهي ڇڏي. ٻاهرين واپارين تي سخت نگراني جو انتظام ڪيو. ساموندي بندرن

تي هڪ خاص آفيسر مقرر ڪيو، جيڪو ”هوپو“ (Hopo) جي نالي سان مشهور آهي ته هُو درآمد ۽ برآمد تي نظر رکي. ان قسم جون سختيون ۽ پابنديون ڏسي انگلينڊ جي بادشاهه جارج ٽئين پنهنجو هڪ قاصد ميڪارٽني چائن لنگ ڏانهن روانو ڪيو، پر اهو پنهنجي مقصد ۾ ناڪام ٿي موٽي آيو. انهن ناڪامين جو حل مغربي قومن عجيب غريب ڳولهي لڌو. هنن تمام گهڻو آفيم چين موڪليو، چينين کي آفيم وٺي ويو، هو موالي بڻجي ويا. نتيجي ۾ سندن سياسي اخلاقي ۽ مالي نقصان ٿيو. مانچو حڪمرانن آفيم جي واپار تي سختي ڪئي، هنن اهڙي هاجيڪار واپار لاءِ موت جي سزا مقرر ڪئي. اهو معاملو ان حد تائين پهتو جو آفيم جي انهيءَ واپاري سلسلي ۾ ٻاهرين قومن ۽ چين جي وچ ۾ 1841ع ۾ جنگ به لڳي، جنهن ۾ چين جي هارَ ٿي.

1795ع ۾ چائن لنگ کي تخت ڇڏڻو پيو. ڇاڪاڻ ته چيني قانون موجب ڪوبه حاڪم سٺ سالن جي عمر کان پوءِ حڪومت نه ٿي ڪري سگهيو. تنهنڪري کيس حڪومت ڇڏڻي پئي. چائن لنگ مانچو خاندان جو آخري حڪمران هو، سندس دور ۾ چين جي سگهاري حڪومت سان مخالف مقابلي جي جرئت نه ڪري سگهندا هئا.

چائن لنگ جو دور فتحن کان علاوه امن و امان جو دور هو. هن غريبن، مسڪينن ۽ هارين جي ڀلائي لاءِ ڪيترائي قانون ٺاهيا. مشهور چيني يونيورسٽي ”هان لن“ جي نئين سِر تنظيم ڪئي وئي، ان کي تعليم ۽ تحقيق جو هڪ شاندار مرڪز بڻايو ويو. ملڪ ۾ ڪيترائي ننڍا ننڍا ڪتبخانا ۽ وڏن شهرن ۾ مرڪزي ڪتبخانا





قائم ڪيا ويا. چائن لنگ ناول نويسي ۽ مصوري کي زور وٺرايو ۽ پاڻ به ان ۾ حصو ورتو ۽ انهن جو معيار بلند ڪيو. شاعري جي لحاظ سان به سندس دور ”سونهري“ سڏيو وڃي ٿو.

چائن لنگ چين جو اهو عالم، مدّبر، فنڪار ۽ ويڙهاڪ حڪمران هو، جنهن پنهنجي قابليت سان چين جي علمي ۽ سياسي زندگي ۾ مثالي واڌارا ڪيا. هُو شاهي خاندان جو اهو آخري شخص هو، جيڪو چين جي عظمت ۽ جلال جو هڪ روشن مينار هو.

◈

SINDHI ADABI BOARD

# ڊاويجر راڻي

(سي شي)

هر قوم ۾ ملڪ ۾ ڪيترائي اهڙا مثال ملن ٿا ته اتي ڪنهن عورت حڪمراني ڪئي آهي. چين جي هزارن سالن جي زندگي ۾ به هڪ وقت اهڙو آيو جو هڪ عورت ڪي حڪومت ڪرڻ جو موقعو مليو. پر ان جون ڪي اهڙيون دلچسپ ۽ نياريون روايتون آهن. جن جو بيان هتي مثال ملڻ مشڪل آهي. ڪنهن نجومي اڳ ڪٿي ڪئي هئي ته. ”جڏهن چين جي ڪا عورت حڪمران ٿيندي ته پوءِ چين ۾ شاهي خاندان برقرار رهي نه سگهندو. ملڪ ۾ هڪ نئون نظام رائج ٿي ويندو. جيڪو بادشاهت جو مخالف هوندو.“

چيني نجومي جي اها اڳ ڪٿي صحيح ثابت ٿي. ڊاويجر راڻي شاهي خاندان جي آخري حڪمران هئي. سندس حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ چين جي هزارن ورهين واري بادشاهي نظام جو به خاتمو ٿيو. هيءَ راڻي پنهنجي سگهه ۽ ڏاهپ ۾ به بي مثال هئي. جنهن ماحول ۾ ڪيس حڪمراني جو موقعو مليو. سو ايڏو افراتفري، اضطراب ۽ پريشاني وارو هو. جو ڪا وڏي کان وڏي شخصيت به امن ۽ سڪون پيدا ڪرڻ کان قاصر هئي. ملڪ جڏهن شهنشاهت ۽ جمهوريت جي چڪتاڻ ۾ ورتل هو. راڻي جي ئي شخصيت هئي، جيڪا هڪ وڏي ٽولي جي اڳواڻي ڪري رهي هئي. سندس زندگي هڪ اهڙو داستان آهي. جنهن ۾ تخت ۽ تاج حاصل ڪرڻ جا جهيڙا





جهڳڙا بادشاهت جو عروج ۽ زوال سياسي فتنا ۽ فساد. جيڪي هر شاهي خاندان جي تاريخ ۾ لازمي هوندا آهن. سي موجود هئا.

سي شي جو جنم ڪٿي ٿيو؟ ان لاءِ پڪ سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي. ڪن تاريخ نويسن جو چوڻ آهي ته هُوءَ هُونان يا انهوئي صوبي ۾ پيدا ٿي. چيني سماج ۾ ڇوڪري جو جنم ڀاڳ وارو يا مبارڪ نه سمجهيو ويندو هو. تنهنڪري سي شي جي ڪا خاص تربيت نه ٿي سگهي. سندس والد هيوئي چينگ، شاهي فوج جو ڪمانڊر هو. مانچو قبيلي جي شهنشاهن جو هي حڪم هو ته ”شهنشاهي فوج جي ڪمان ان شخص جي هٿ ۾ هجي. جيڪو مانچو قبيلي مان هجي.“ ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سي شي مانچو قبيلي مان هئي. هو ڪيس ”ننڍي چاءِ“ جي نالي سان سڏيندا هئا. هوءَ اڃا ننڍي هئي ته سندس والد وفات ڪري ويو. مالي مشڪلاتن سبب هُوءَ پنهنجي ماءُ سان گڏ پيڪنگ وڃي پنهنجي هڪ مائٽ وٽ رهڻ لڳي. جنهن سندس تعليم ۽ تربيت تي خاص توجهه ڏنو ۽ هر ممڪن مدد ڪئي. سي شي ڪنفيوشس وارا اصول ۽ قاعدا ياد ڪري ڇڏيا ۽ ادب جو به ٿورو گهڻو مطالعو ڪيو. هُوءَ بيحد ذهين ۽ عقلمند هئي. ان مختصر تعليم ۽ قدرتي ذات ۽ ڏاهپ سبب هُوءَ معزز ۽ مهذب عورتن جي صف ۾ شامل ٿي وئي.

تعليم ۽ تربيت جي انهن ڏينهن ۾ پنهنجي هڪ مائٽ جُنگ لُو سان سندس محبت ٿي وئي، زماني جي لاهن چاڙهن رنڊڪن رڪاوٽن ۽ مشڪلاتن هوندي به سندن عشق دائم قائم رهيو.

جڏهن سي شي جوان ٿي تہ عوام کيس ”يوهانالا“ سڏڻ لڳو. ”يوها“ ۽ ”نالا“ اُتر چين جا ٻہ قبيلا هئا. جيڪي ديوارِ چين جي ٻئي طرف رهندا هئا. انهن ٻنهن قبيلن کي ”نُوراچُو“ نالي هڪ فوجي زور زبردستي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪيو. ان اتحاد کان پوءِ نوراچو ديوارِ چين ٽپي چين تي حملو ڪيو. چين جي شهشاهہ کي شڪست ڏئي، هو اُتان جو بادشاهہ بڻجي ويو. نوراچو ۽ ڪانڱس پوءِ جا حڪمران چنگ يا مانچو خاندان جي لقب سان چين تي حڪومت ڪرڻ لڳا. يوهانالا ان خاندان جو قديم ۽ ابتدائي نالو هو. تنهنڪري سي شي انهيءَ ئي نالي سان مشهور ٿي. سي شي يا يوهانالا جي مشهوري سان گڏ عوام کي ان نجومي جي اڳڪٿي بہ ياد اچي وئي تہ ”چين تي جڏهن ڪا عورت حڪومت ڪندي تہ حڪمران خاندان هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندو.“ پر عوام ان اڳڪٿي کي ڪا اهميت نہ ڏني، ڇاڪاڻ تہ اها اڳڪٿي ٻين شاهي دستاويزن سان گڏ ڪنهن لوهي صندوق ۾ محفوظ ڪري رکي وئي هئي. چيني روايت موجب حڪمران خاندان جي تاريخ، ان جي حڪومت جي زماني ۾ نہ لکي ويندي هئي، تنهنڪري مانچو خاندان جي حڪومت جي زماني ۾ جيڪي اهم واقعا ٿيا، سي دستاويز جي صورت ۾ محفوظ ڪري رکيا ويا. جڏهن مانچو خاندان جو مڪمل خاتمو ٿيو، تہ ان جي تاريخ لکجڻ شروع ٿي تہ دستاويزن سان گڏ اها اهم اڳڪٿي بہ ظاهر ٿي.

چيني رسمن مطابق هر شهنشاهہ کي، ڪيترائي خاص ماڻهو رکڻ جي اجازت هوندي هئي. اهي خاص ماڻهو شهنشاهہ جي والده چونڊيندي هئي. جڏهن شهنشاهہ شُن فنگ لاءِ خاص ماڻهن جي چونڊ ٿي رهي هئي، تہ سي شي جي ماءُ کيس مجبور ڪيو تہ





تون بہ ان چونڊ ۾ شامل ٿي. پنهنجي قسمت آزماءِ تن ڏينهن ۾ جُنگ لُو سان سندس شادي بہ ٿيڻ واري هئي. پر سندس ماءُ مستقبل سان وابستہ ان شادي جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ سي شي کي ان چونڊ لاءِ موڪليو.

سي شي تمام خوبصورت ۽ ذهين هئي، تنهنڪري هُوءَ چونڊجي وئي. نندپڻ کان جُنگ لُو سان کيس جيڪا محبت هئي، سا شادي جي روپ ۾ نہ اچي سگهي. سي شي جي سونهن ۽ سياڻپ شهنشاهہ شن فنگ کي موهي وڌو. هُو مٿس عاشق ٿي پيو ۽ چين جي حقيقي ملڪہ (راڻي) کان پاسيرو رهڻ لڳو. يُوها نالا ڏنو، تہ شهنشاهہ جو عشق تارون تار ٿي ويو آهي تہ هن ان جو فائدو وٺي کيس پنهنجي گرفت ۾ آندو. محل جون ٻيون خاص عورتون سي شي جي عزت ۽ وقار ڏسي ساڙس ساڙ ڪرڻ لڳيون. سندن ڪوشش هئي تہ ڪنهن طرح شهنشاهہ کي سي شي کان نفرت ڏياري وڃي. ان ڪوشش ۾ شهنشاهہ جا دوست بہ شامل ٿي ويا، ڇاڪاڻ تہ شهنشاهہ سي شي جي عشق ۾ اهڙو انڌو ٿي چڪو هو، جو هن پنهنجن دوستن کي بہ وساري ڇڏيو هو. ان ئي ڏينهن ۾ سي شي جي عزت ۽ وقار ۾ واڌارو ٿيو. سندس پيٽان شهزادو پيدا ٿيو. چيني قانون ۽ رسم و رواج مطابق جڏهن ڪنهن عورت جي پيٽان شهزادو پيدا ٿئي، تہ ان کي تخت جو وارث ٻڌايو ويندو آهي. ۽ سندس ماءُ کي ملڪہ تسليم ڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري سي شي کي بہ ان رواج مطابق ملڪہ تسليم ڪيو ويو.

شهزادي جي جنم کان پوءِ چيني نجومين، جوتشين ۽ جادوگرن پنهنجي پنهنجي علم ذريعي معلومات حاصل ڪئي.

سنڌي ادبي بورڊ

سيني راءِ ڏني تہ شهزادو ياڪ وارو آهي. ان وقت ملڪ ۾ بغاوت هئي، حُسن اتفاق سان شاهي خاندان بغاوت کي پُنجو ڏنو. ان ڪاميابي راڻي جي عزت ۾ اضافو ڪيو. شهنشاهہ ڪيس ”مغربي محل جي ملڪہ“ جو لقب ڏنو.

ان قدرداني، عزت ۽ احترام سبب ملڪہ کي ايڏا اختيار ڏنا ويا جو هُوءَ حڪومت جي معاملن تي قابض ٿي وئي. حڪومت جو ڪاروبار سندس صلاح مشوري سان ٿي هلڻ لڳو. اهو ڏسي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ شهنشاهہ ملڪہ جي انهيءَ روش کان بيزار ٿي ويو. جڏهن 1860ع ۾ چين ۽ ڌارين ماڻهن وچ ۾ جنگ لڳي تہ مڪمل اقتدار سي شي وٽ هو. سندس بدقسمتي جي شروعات ان وقت ٿي، جڏهن ان جنگ ۾ چينين کي شڪست ملي. ملڪ جي مخالفن ان شڪست جو الزام ملڪہ تي مڙهيو. خاص طور سُوشن جيڪو ملڪ جو سخت مخالف هو. تنهن شهنشاهہ کي مجبور ڪيو تہ ان مائي مان جان ڇڏائي. هڪدم پيڪنگ کان جيهول هليو وڃي تہ جيئن ملڪ کان پري هجي. بادشاهہ ملڪہ جي مخالفت باوجود جيهول هليو ويو. اها ملڪ جي اهڙي شڪست هئي جو سندس اقتدار ڪمزور ٿي ويو ۽ هوريان هوريان زوال شروع ٿيڻ لڳو. چينين جي شڪست سبب ملڪ ۾ ڌارين جو اقتدار ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو ۽ عوام پريشان رهڻ لڳو ۽ مخالف ٿيندو ويو. انهن بدقسمتين ۾ ان وقت وڌو واڌارو ٿيو. جڏهن 1861ع ۾ شهنشاهہ شن فنگ فوت ٿي ويو ۽ پنجن سالن جو شهزادو ڪوانگ تخت تي ويٺو. ان وقت حڪومت جا ٻہ دعويدار هئا هڪ خود ملڪہ هئي، ٻيو شهزادو يائي هو. جنهن کي شن فنگ مقرر ڪيو هو. ٻنهي ۾ جهيڙو ٿيو. ملڪہ

SINDHI ADABI BOARD





پنهنجي پراڻي دوست جنگ لُو جي مدد سان شهزادي يائي کي شڪست ڏئي، ننڍڙي شهزادي جي نائب بڻجي وئي. انهن اندروني جهيڙن جي زماني ۾ ٻاهرين ڌارين کي پنهنجا پنهنجا مفاد مستحڪم ڪرڻ جو موقعو مليو.

ان وقت ملڪ ۾ ٻہ سياسي جماعتون موجود هيون. هڪ قدامت پسند جماعت هئي، جنهن ۾ شاهي خاندان جا ماڻهو ۽ امير ۽ ڪنفيوشس جا پوئلڳ هئا. اها جماعت ملڪہ جي حامي هئي. ٻي اصلاح پسندن جي جماعت هئي، جنهن ۾ سمورا ترقي پسند شامل هئا. ان جماعت جو اثر فقط ڏکڻ چين ۾ هو. اصلاح پسندن بادشاهہ کي پنهنجي اثر ۾ آندو. بادشاهہ بہ چاهيو ٿي تہ ملڪ مان جان ڇٽي. بادشاهہ پنهنجن ساٿين جي صلاح مشوري سان ملڪ ۾ سڌارا ڪيا ۽ انهيءَ ڪوشش ۾ لڳو رهيو تہ ملڪ جي ويجهن ماڻهن کي ڳولهي ڳولهي ماريو وڃي. هن جي پهرين نظر ۾ ملڪ جو محبوب ساٿي جنگ لُو هو. هن اهو ڪم هڪ فوجي آفيسر يان شي کي سونپيو پر يان شي بادشاهہ سان غداري ڪئي. هن ان سازش جو سمورو احوال وڃي ملڪ کي ٻڌايو. اهو احوال ٻڌي ملڪ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. هن اصلاح پسندن ۽ شهنشاهہ تي حملو ڪيو. ان جنگ ۾ اصلاح پسندن کي شڪست ملي ۽ بادشاهہ کي قيد ڪيو ويو. مُلڪ ۾ وري قدامت پسندن جو دور شروع ٿيو ۽ ڪجهہ ڏينهن اهو بحران مانو ٿي ويو، پر وري جلد ئي اهو دور ختم ٿي ويو.

1900ع ۾ جڏهن چيني عوام ڌارين جي خلاف هڪ ٿي جنگ جوٽڻ لاءِ تيار ٿي ويو تہ پهريائين ملڪ چيني عوام جو ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. مگر عوام ملڪ کي هڪ ڪُوڙو دستاويز

ڏيکاريو. تہ ڌاريا تخت تان لاهڻ چاهين ٿا. هُوءَ ان نئين مصيبت کان ڏڄي وئي، تنهنڪري مجبور ٿي عوام جو ساٿ ڏنائين. هن شاهي فوج کي حڪم ڪيو تہ دشمن تي حملو ڪيو وڃي. جيئن تہ حڪومت ۽ عوام پاڻ ۾ ملي هڪ تي حملو ڪيو هو، تنهن ڪري اندازو هو تہ دشمن کي شڪست ملندي، پر ائين نہ ٿيو. ان جو سبب اهو هو تہ مغربي ملڪن برطانيہ، فرانس، آمريڪا، اٽلي، جرمني، روس ۽ جپان پاڻ ۾ ملي هڪ تي مقابلو ڪيو، تنهن ڪري چينين هارايو ۽ ڌاريا دشمن ڪامياب ٿي ويا. اها جنگ تاريخ ۾ ”باڪسر بغاوت“ جي نالي سان مشهور آهي، دراصل اها چينين جي جنگ آزادي هئي، جنهن تي ڌاري بغاوت جو ليبل لڳل آهي.

ان جنگ ۾ شڪست، مانچو خاندان ۽ ملڪ جي شڪست هئي، ان جنگ کان پوءِ ملڪ ڪوشش ڪئي تہ شڪست ڪاڌل ۽ تباهہ ٿيل ملڪ کي وري سگهارو ڪري، ان کي ترقي وٺرائجي. پر ملڪ ضعيف ٿي چڪي هئي. عوام بہ ملڪ جي سڌارن کي مرض جو صحيح علاج نہ ٿي ڄاتو. سندن شعور ۾ انقلاب جي چٽنگ دُکي رهي هئي. بادشاهت بجاءِ سندن ويساهہ جمهوري نظام حڪومت ۾ هو. انهن مخالفتن سبب ملڪ جو باقي بچيل اقتدار بہ پوين پساهن ۾ هو ۽ ملڪ پاڻ بہ پوين پساهن ۾ هئي. آخر 1908ع ۾ لاڏاڻو ڪري وئي. مرڻ مهل چيو هئائين تہ ”آئنده ڪڏهن بہ ڪنهن عورت کي چين جي بادشاهت نہ ڏجو، چو تہ عورت جي حڪمراني اسان جي خاندان، قانون ۽ روايت جي خلاف آهي.“ ملڪ جي وفات کان پوءِ ٽن سالن بعد نالي ماتر بادشاهي بہ هميشہ لاءِ ختم ٿي وئي.





ملڪ ڏاويجر جي زندگي افراتفري ۽ انتشار جي شاهد آهي. سندس بي آرام ۽ بي سڪون زندگي قوم ۽ وطن جي اضطراب جي ترجماني ڪري ٿي. چين جي پنجن هزارن ورهين جي تاريخ ۾ هي هڪ غيرمعمولي واقعو هو، هڪ عورت ملڪ جي اڇي ڪاري جي مالڪ بڻجي وئي هئي. هن ايڏي رعب تاب سان حڪومت ڪئي جو شهنشاهہ، اميرامراءُ، عوام ۽ ڌاريا ڌهلجي ويندا هئا. ملڪ جي هيٺي حال ۽ هڪ عرصي کان آيل زوال ڪيس ايتري مهلت نہ ڏني، جو هُوءَ ڪامياب حڪومت ڪري سگهي. هُوءَ غربت ۽ ناداري واري حالت ۾ پيدا ٿي هئي، ڪجهہ عرصو خوشحال زندگي گذاري، بربادي ۽ بيوسي جي حالت ۾ هن دنيا مان هلي وئي ۽ شهنشاهت جو بہ هميشہ لاءِ خاتمو ڪري وئي.

◈

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

# سن يات سين

علامہ اقبال جو هڪ شعر آهي:

هزاروں سال نرگس اپنی بے
نوری پہ روتی ہے
بڑی مشکل سے ہوتا ہے
چمن میں دیدہ ور پیدا .

شاعر جو هي خيال ڪنهن بي جاءِ تي شاعري، وڏاءُ يا رڳو سهڻو خيال هجي، پر چين ۾ ان جو صحيح تفسير ملي ٿو. چيو وڃي ٿو ته چين ۾ ڪنفيوشس، ليوزي، شي هوانگ تي ڪان هزارين ورهيه پوءِ سن يات سين پيدا ٿيو. جنهن چين جي هزارن ورهين جي دنيا بدلائي ڇڏي، هن پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي زوال کان بچائي ملڪ ۾ هڪ نئين دور جي شروعات ڪئي.

چين جو هي مسيحا 12 نومبر 1862ع ۾ ڪوانگتنگ صوبي جي هڪ ڳوٺ چوهنگ ۾ پيدا ٿيو. اهو ڳوٺ ڏکڻ چين جي آخري ڇيڙي تي آهي ۽ ونڊز آبهوا سبب مشهور آهي. سن يات سين جو والد ميڪاؤ ٻيٽ جو رهاڪو هو. هُو پوڪي راهي ڪري گذر سفر ڪندو هو. ان زماني ۾ هارين جي حالت هيٺي هئي، سُجي سرڪار هارين تي وڏا محصول مڙهي سندن حال هيٺا ڪري ڇڏيا هئا. ان کان علاوه مغربي ملڪن جا رهاڪو جيڪي چين ۾ آباد ٿي چڪا هئا، سي غريبن مسڪينن کان بنان اجوري بيگر ۾ ڪم وٺندا





رهندا هئا. انهن ڳالهين "سن" جي والد کي مجبور ڪيو ته هُو پنهنجو اباڻو هارپ وارو ڪم ڇڏي ڏي. تنهنڪري هو ڳوٺ ڇڏي، ميڪاؤ شهر ۾ اچي رهيو. اتي اچي درزڪو ڌنڌو شروع ڪيائين. پر اتي اچڻ کان پوءِ خبر پئي ته پورچوگيزي، چيني غريبن مسڪينن جو استحصال ڪري رهيا آهن. هن ڇاتو ته هن شهر ۾ رهڻ مان ڪو فائدو ڪونہ آهي، هتي رهندس ته ڪنگلو ٿي ويندس. تنهنڪري هُو شهر ڇڏي وري پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو. خاندان جون اهي مجبوريون ۽ لاچاريون هيون ته انهيءَ ماحول ۾ جديد چين جي هن وڏي معمار اک کولي.

هن دردناڪ تصوير جو ٻيو رخ وطن جو زوال ۽ هيٺو حال هو. مرڪزي حڪومت ڪمزور ٿي چڪي هئي. ڪڏهن ڪڏهن فوجي آفيسرن جي سگهہ سان سگهاري تي ويندي هئي ته وري هڪدم هيٺي تي ويندي هئي. ڌارين قومن جو اقتدار ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مستحڪم ٿي رهيو هو. تخريب جو اهو درياءُ موج ۾ اچي ٻوڙ ٻوڙان لائي رهيو هو. اهڙي پُرآشوب ماحول ۾ سن يات سين جو جنم ٿيو.

سن جي ابتدائي زندگي اسڪول جي راند روند ۽ پڙهائي ۾ گذري. انهن ڏينهن ۾ چين جي تعليمي نظام جو اهو بنيادي اصول هوندو هو ته، چين جو هر شاگرد پنهنجو اعليٰ ادب ياد ڪري ڇڏيندو هو. جيڪو هُو پنهنجي استادن اڳيان ترنم سان پڙهندو هو. پر اعليٰ ادب جي مفهوم کان استاد بہ واقف نہ هئا. سن ننڍپڻ کان ئي ان نظام جي مخالفت ڪئي. هن پنهنجي استادن کان اعليٰ ادب جي مفهوم ۽ معنيٰ بابت پڇيو. اسڪول جي استادن کي سن جي اها ڳالهہ نہ وڻي. هنن چاهيو ٿي ته سندن فضيلت ۽ علميت کي ان ريت ڪو نقصان نہ پهچائي. استاد سن تي ڪاوڙيا. هُو مصيبت ۾ اچي

ويو. تنهنڪري پڙهائي ڇڏي ڏنائين. پنهنجي پيءُ کي چيائين ته ”ڪيس ڪنهن ٻئي هنڌ پڙهايو.“ پر سندس پيءُ هڪ مسڪين ماڻهو هو ڪيس ٻئي هنڌ پڙهائي نه ٿي سگهيو. تنهنڪري سن ڪيترائي ڏينهن پڙهڻ کان محروم رهيو. ان واندڪائي واري وقت ۾ هن ڪوشش ڪئي ته هُو اعليٰ ادب جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي. ان ذاتي ذوق شوق ۽ ڪوشش جي ڪري، سندس دلچسپي ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي.

ان دوران ڪيس 1879ع ۾ چين کان ٻاهر وڃڻ جو موقعو مليو. سندس هڪ ڀاءُ ’دي ڪو‘ جيڪو هونولولو ۾ واپار ڪندو هو. چين آيل هو. هُو جڏهن واپس وڃي رهيوهو ته سن به ساڻس گڏ هليو ويو. ان وقت سندس عمر ٻارهن سال هئي، ان ننڍي ڄمار ۾ سندس شوق، خيال ۽ لاڙا ٻڌائي رهيا هئا ته سندس شخصيت ۾ جديد چين جو معمار لڪل آهي. هُن هونولولو ۾ هڪ مشن اسڪول ۾ داخلا ورتي. هُن ٿوري وقت ۾ انگريزي تي عبور حاصل ڪيو. هوائي ٻيٽن جي حڪمران سندس قابليت کان متاثر ٿي ڪيس آسماني ڪتاب انجيل انعام طور عطا ڪيو.

جڳ مشهور شخصيتن جي زندگيءَ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته هو پنهنجي زندگيءَ جي مختلف دورن، مرحلن ۽ منزلن مان گذرن ٿا. سن يات سين پنهنجي اسڪول واري تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڀاءُ ساڻ گڏ واپار ڪرڻ لڳو. پر واپار سان سندس دل نه لڳي. تنهنڪري ڇهن مهينن کان پوءِ هن واپار ڇڏي ڏنو ۽ هڪ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. مگر سندس ڀاءُ ڪيس 1884ع ۾ واپس چين موڪليو. تنهنڪري هُو اُتي وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نه سگهيو.





تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سن جي مائٽن کي اميد هئي ته ڪيس وڏو سرڪاري عهدو ملندو ۽ پوءِ هُو خوشحال ٿي ويندا. پر سن جي مزاج ۾ بغاوت هئي. هُن ان وقت جي نظام سان مقابلو ڪرڻ ٿي گهريو. مغربي تعليم جي مطالعي منجهس ترقي ۽ آزادي جو شعور پيدا ڪيو هو. سندس مائٽن کي پهرين ناڪامي ان وقت نظر آئي، جڏهن هن هونولولو ۾ پنهنجو مذهب ڇڏي، عيسائي مذهب اختيار ڪيو هو. سن محسوس ڪيو ته چيني مذهب جي روايتي بُت پرستي، انساني سوچ ۽ سمجهه کي نهوڙي رهي آهي، تنهن ڪري هن بت پرستي خلاف بغاوت ڪئي. سن جي اها بغاوت نه صرف عوام، پر سندس خاندان لاءِ به ڏاڍي ڏکاري هئي. هُو پنهنجي مذهب جو منڪر ٿي ويو. ڏينهن رات چيني مذهب خلاف پرچار ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن هُو نوجوانن جي ٽولي سان گڏ هڪ مندر ۾ ويو. اتي پهچي ڪاوڙ ۽ نفرت مان چوڻ لڳو ته: ”هي رنگ برنگي مٽي، پٿر، ڪاٺ ۽ ڌاتو مان ٺهيل مئل بُت اسان جون پريشانيون ختم نٿا ڪري سگهن، هي اسان جون آهون ۽ دانهون، دعائون ۽ التجائون ٻڌي نٿا سگهن. هي ڪجهه به ڪري نٿا سگهن.“ ائين چئي مندر جي سڀ کان وڏي ديوتا جي ويجهو وڃي سندس آڱر ڪپي ڇڏيائين. سن جي اهڙي گستاخي ڏسي، سندس سمورا ساٿي ڀڄي ويا. سن جي اهڙين ڳالهين جي ڪري عوام ۾ ڊپ پيدا ٿيو هو اڳ ئي ڪانئس ناراض هئا. ڪين هي بهانو ملي ويو. تنهنڪري ڪيس جلاوطن ڪري هانگ ڪانگ موڪليو ويو.

هانگ ڪانگ سن يات لاءِ رحمت ثابت ٿيو. هن اتي ڪُئنز ڪاليج ۾ داخلا ورتي. 1886ع ۾ جڏهن سندس عمر ويهه ورهيه

سنڌي ادبي بورڊ

هئي، هن اتي وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي. ان کان پوءِ هن هڪ ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتي، جيڪو تازو "پاڪ سائي" جي نالي سان قائم ٿيو هو اتي به هن 1892ع ۾ ان امتحان ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

ڊاڪٽري جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ سن يات سين ڪينٽن صوبي ۾ مريضن جو علاج ڪرڻ لڳو ۽ ڳجهي نموني انقلاب جون تياريون پڻ ڪرڻ لڳو. انهن ڏينهن ۾ مانچو خاندان جي ظلم ۽ زيادتين کان عوام ڏاڍو تنگ هو. انهن جابر شهنشاهن جي هر حڪم کي قانوني حيثيت حاصل هئي. جيڪو حڪم نه مڃيندو هو، تنهن کي موت جي سزا ڏني ويندي هئي. مادر وطن جي اهڙين ڏکوئيندڙ

نا انصافي وارين حالتن سبب سن يات سين جي اندر ۾ جيڪا انقلابي جذبن واري چڻنگ دکي رهي هئي، سا ويتر وڌي وئي. هُو انهن ڏينهن ۾ مانچو خاندان جي خاتمي جون تياريون ڪري رهيو هو. هن اهو هُل هلايو ته "مانچو حڪمران نسلي لحاظ کان چيني نه آهن. هو ڌاريا آهن. تنهنڪري چين تي سندن حڪومت ناجائز آهي. هُو ڪنهن به ريت ڌرتي ڌڻي هئڻ جي دعويٰ نه ٿا ڪري سگهن."

سن جي ان وڌندڙ باغياڻي طوفان کي سندس پيءُ ماءُ به روڪي نه سگهيا. هنن سندس مدد ڪرڻ کان جواب ڏنو ۽ کانئس ڌار ٿي ويا. سن يات سين سان چيني عوام جو اهو ٽولو شامل هو، جن جي شعور ۾ آزادي ۽ ترقيءَ جو مقصد پيئيل هو. چين کان ٻاهر رهڻ دوران هُو مغربي تهذيب ۽ سياست ۽ نئين تحريڪن کان واقف ٿيو. نه صرف واقف ٿيو، پر انهن کان متاثر به ٿيو. هن محسوس

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

ڪيو ته آزادي ۽ ترقي جا ڪوڙيا وطن جي سپوتن جي جماعت "مجلسِ نوجوانانِ چين" (Young China Party) ۾ شريڪ ٿين ۽ اهڙي ريت هڪ مرڪزيت پيدا ڪئي وڃي ۽ ان پارٽي جي پليٽ فارم تان انقلاب جي پرچار ڪئي وڃي. سن جي ان پارٽي حڪومت کي وائڙو ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته سن جي انقلابي زندگي ۽ بغاوت واري سوچ کان حڪومت واقف هئي ۽ کين اها به ڄاڻ هئي، ته چيني نوجوانن جا ٽولن جا ٽولا سن جي خيالن سان سهمت ٿي، وٽس گڏ ٿي رهيا آهن.

ان دوران 1894ع ۾ چين ۽ جپان جي جنگ لڳي. ان جنگ کان سن يات سين کي پنهنجي خيالن ۽ نظريي جي پرچار جو موقعو مليو. هن اعلان ڪيو ته "چيني حڪومت جي ڪمزوري جي ڪري مصيبتون ڪڙڪي رهيون آهن. انهن سمورين بربادين جو علاج اهو آهي ته "بادشاهت جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ جمهوريت آندي وڃي." حڪومت سن يات سين جي انقلابي پرچار کان ڌهلجي وئي. سن يات ۽ سندس ساٿين کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. سن پڇي ويو، سندس ساٿين کي گرفتار ڪيو ويو. بعد ۾ کين قتل ڪيو ويو. سن جي گرفتاري لاءِ هڪ لک پائونڊ انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو، سن يات هوائي ٻيٽن کان جپان هليو ويو. اُتان يورپ ۽ پوءِ آمريڪا هليو ويو.

سن يات جي هيءَ جلاوطني نه صرف چين لاءِ پر خود هن لاءِ سڀاڳ ثابت ٿي. ترقي يافته قومن جي زندگيءَ جي معيار ۽ ان جي عظيم مقصد سندس ارادن ۽ اُمنگن کي جاڳايو ۽ سندس عزم ۽ ارادي کي سگهارو بنايو. هن قومي تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

يورپ ۾ آمريڪا کان قرض وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. پر 11- آڪٽوبر 1896ع ۾ کيس اغوا ڪيو ويو ۽ کيس ٻارهن ڏينهن چيني سفارت خاني ۾ نظربند ڪيو ويو. اهو امڪان هو ته کيس سخت سزا ڏني وڃي ها. پر سندس هڪ پراڻي ساٿي سرجيمز ڪينٽائيل سندس مدد ڪئي. جيڪو هانگ ڪانگ ۾ ساڻس گڏ پڙهندو هو. هن برطانوي حڪومت وٽ سن يات جي بيگناهي جا ثبوت پيش ڪيا. تنهنڪري هُو آزاد ٿيو. ان دوران لنڊن ۾ مقيم چيني سفير کيس قتل ڪرڻ جا سانباها ڪري رهيو هو.

اُتان آزاد ٿي هُو جپان آيو. انهن ڏينهن ۾ چيني ماڻهو جيڪي وطن کان ٻاهر ٿي رهيا، تن جي مرضي هئي ته انقلاب جي ذريعي مانچو بادشاهت جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ ملڪ ۾ نئون نظام رائج ڪيو وڃي. ٻاهر رهندڙ سيني چينين 1905ع م ”تنگ منهائي“ (Tung Minhui) نالي هڪ انقلابي جماعت ناهي. ان جماعت جو (سيڪريٽري) سن کي مقرر ڪيو ويو. جيڪو تن ڏينهن يورپ ۾ هو. اهائي جماعت اڳتي هلي ڪومنتانگ ’عوام جي قومي جماعت‘ بڻي. جنهن ۾ چين جون سموريون انقلابي ۽ ترقي پسند جماعتون ملي هڪ ٿي ويون. ان جماعت ۾ هزارين وطن دوست شامل هئا. جيڪي انقلاب کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڳُجهه ڳوهه ۾ عوام کي متحد ڪري رهيا هئا. چيني شاهوڪار به ان ۾ شامل ٿي مالي مدد ڪرڻ لڳا. چاڪاڻ جو ٻاهرين قومن جي ڪري سندن واپار متاثر ٿي رهيو هو.

ان ايڪي ۽ ٻڌي سان سمورا چيني هڪ مقدس مقصد لاءِ طوفان وانگر اُٿي کڙا ٿيا ۽ 1911ع ۾ هنن مانچو خاندان سان جهيڙو

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

شروع ڪيو. آگسٽ 1911ع ۾ سمورن اسڪولن، آفيسن ۽ ڪارخانن ۾ هڙتالون شروع ٿي ويون ۽ حڪومت کان قطع تعلقات جو اعلان ڪيو ويو. ان نازڪ صورتحال جي دوران انقلاب جو اڳواڻ ڊاڪٽر سن يات يورپ ۾ هو. جيڪو وڏ کان وڏ مالي مدد وٺي انقلابين جي ڀرپور مدد ڪري رهيو هو. انهيءَ جنگ ۾ انقلابين ڪيترن ئي صوبن تي قبضو ڪيو. ڊسمبر ۾ سن يات به چين موٽي آيو. حڪومت پنهنجي عافيت ان ۾ سمجهي، ته ڪنهن طرح انقلابين سان صلح ڪيو وڃي. تنهنڪري حڪومت ان مقصد لاءِ هڪ امير ۽ فوجي يان شي ڪائي کي مقرر ڪيو. پر انقلابين توڙي خود يان شي ڪائي سچائي سان ان تي ڌيان نه ڏنو. هڪ سؤ ڏينهن ۾ انقلاب اچي ويو. 12- فيبروري 1912ع ۾ ننڍي عمر واري شهزادي سوان تُنگ کي تخت تان لاٿو ويو. اهڙي ريت چين جي بادشاهت جيڪا 2205ق.م کان هلي ٿي آئي، ان جو 1917ع ۾ خاتمو ٿي ويو.

چين جي عوام سن يات سين کي نئين جمهوريت جو صدر بڻايو. پر سن سمجهيو ٿي ته هُو پنهنجا فرض، ان صورت ۾ سهڻي نموني پورا ڪري سگهندو. جڏهن هُو صدر نه هوندو. سندس راءِ موجب يان شي ڪائي جي شخصيت ۽ فوجي طاقت هڪ وڏي مزاحمت هئي، تنهن ڪري سندس مرضي هئي ته شي ڪائي کي صدر مقرر ڪري کيس پنهنجو ساٿي بنايو وڃي. چاڪاڻ ته هن پاڻ کي ٻين تعميري معاملن ۾ مصروف رکڻ ٿي گهريو. اهوئي سبب آهي جو ٿي ڏينهن صدر رهڻ کان پوءِ 15- فيبروري شي ڪائي کي

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

جمهوريہ چين جو صدر بڻائي، هُو ملڪ جي بهتري ۽ ترقي وارن ڪمن ۾ جُنبي ويو.

سن يات انقلاب کي مڪمل طور ڪامياب بڻائڻ لاءِ ان جا ٽي دور مقرر ڪيا. انقلاب کي ان ريت ورهائڻ جو سبب هي هو تہ چيني عوام سياسي طور گهڻو پٺتي پيل هو. انقلاب کان هڪدم پوءِ جمهوريت جون ذميواريون سنڀالڻ جي منجهن سگهہ نہ هئي. پهريون دور فوجي حڪومت (Military Rule) جو هو. ان کي ان وقت تائين قائم رکڻو هو، جيستائين ملڪ ۾ مڪمل طور امن امان قائم ٿي وڃي. سرڪش ۽ باغي ٽولن ۽ ويڙهاڪ اميرن (War Lords) جي طاقت ختم ٿي وڃي. ٻيو دور سياسي محافظت. يعني (Political Tutelage) هو. جنهن ۾ عوام کي نئين نظامِ حڪومت کان واقف ڪرڻ هو ۽ کين ترقيءَ جا موقعا ڏئي پاڻ پرو بڻائڻو هو. اهو دور ٽئين دور تائين جاري رکڻو هو. جيستائين دستوري حڪومت هوريان هوريان پنهنجون ذميواريون پاڻ سنڀالي وٺي. ٽيون دور 1937ع کان شروع ٿيڻ گهربو هو. پر چين ۽ جپان جي جنگ سبب ان جي شروعات ٿي نہ سگهي.

سن يات پهرئين دور کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي. پر ملڪ جي اها بدقسمتي هئي، سن يات جنهن کي چين جو صدر بڻايو هو، سو شهنشاهي جا خواب ڏسڻ لڳو ۽ جمهوريت جون پاڙون پٽڻ لڳو. چين جي رهاڪن هزارن ورهين کان پوءِ وڏيون قربانيون ڏئي، جنهن عوام دشمن نظام جو خاتمو ڪيو هو، سو ساڳيو نظام عوام مٿان مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي ويئي. يان شي ڪائي خودمختيار بڻجي پارليماني نظام ختم ڪري، پنهنجي

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

تخت نشيني جي تاريخ بہ مقرر ڪري ڇڏي هئي. سن يات ان غدار ۽ وطن دشمن خلاف هڪ ٻيو انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر بدقسمتيءَ سان هُو ڪامياب نہ ٿي سگهيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ 1916ع ۾ يان شي ڪائي لاڏاڻو ڪري ويو. سن يات سندس وفات کان پوءِ اها ڪوشش ڪئي تہ ملڪ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو قائم ڪيو وڃي. پر جيئن تہ يان شي ڪائي پنهنجي دور ۾ فوجي سردارن کي اقتدار ڏئي، کين ايڏو سگهارو بڻايو هو، جو هرهڪ پاڻ کي حڪمران سمجهي رهيو هو. تنهن ڪري شي ڪائي جي مرڻ کان پوءِ انهن سردارن پنهنجي آزادي جو اعلان ڪيو. جيئن تہ هڪ کي ٻئي جو اقتدار نہ ٿي وڻيو. تنهنڪري انهن سردارن جو پاڻ ۾ جهيڙو جاري هو. اُتر چين ۾ انهن سردارن کي وڏي سگهہ حاصل هئي. سن يات وڏي ڪوشش ڪئي تہ ڪنهن طرح انهن سردارن کي شڪست ڏني وڃي ۽ متحده چين جو بنياد رکيو وڃي. پر هُو ان ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو. اُتر کان مايوس ٿي هن ڏکڻ چين کي انقلاب ۽ جمهوريت جو مرڪز بڻايو.

سن يات، چين جي ترقي واسطي 1921ع ۾ هڪ پروگرام بڻايو، جنهن جو دارومدار سندس ترتيب ڏنل ٽن نظرين تي هو. اهي نظريا قوميت، جمهوريت ۽ عوام جي خوشحالي يا اشتراڪيت جي نالن سان سڏيا وڃن ٿا. اهي نظريا سندس سياسي مقصد ۽ اعتقاد ظاهر ڪن ٿا. کيس يقين هو تہ ترقيءَ لاءِ اتحاد تمام ضروري آهي، جيڪو قوميت جو جذبو پيدا ڪرڻ کان سواءِ ممڪن نہ آهي. سن چيو تہ چين فقط چينين جو آهي، سندس ان ڳالهہ قوم پرستن واري

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

نظربي کي هٿي ڏني، ان جذبي عوام ۾ مانچو حڪمران ۽ پاهرين طاقتن خلاف انتهائي شديد جذبا پيدا ڪيا.

اهو شعور پيدا ٿيڻ کان پوءِ سن يات سين جمهوريت آڻڻ ضروري ڄاتو. جيئن ته عوام آزادي ۽ مساوات کان سواءِ ترقي ڪري نه ٿي سگهيو. تنهن ڪري هن چاهيو ٿي ته قانون سازي، عدليه ۽ حڪومت ۾ عوام جا چونڊيل اڳواڻ شريڪ هجن. جيڪي سندن بهتري ۽ ڀلائي طرف توجهه ڏيئي سگهن. پنهنجي ٽئين نظربي عوام جي خوشحالي يا اشتراڪيت ۾ زراعت، صنعت ۽ حرفت ۽ تجارت جي ترقي کي ملڪ جي ترقيءَ جو لازمي جزو ٿي سمجهيو. ڇاڪاڻ ته انهن ڏنڌن ڏاڙن سبب ملڪ جي وچين ۽ غريب طبقي جو وڏو فائدو هو. پر ان لاءِ اشتراڪي اصول پسند ڪيا ويا، ته انهن ڪارخانن ۾ حڪومت جو پئسو هجي، نه ته سرمائيدار طبقو غريب عوام تي قابض ٿي ويندو.

ڊاڪٽر سن يات جا هي نظريا صرف خيالي نظريا رهن ها. جيڪڏهن پاهريان ملڪ خاص طور روس، سندس مالي مدد نه ڪري ها. مغربي ملڪ خاص طور برطانيه ۽ فرانس سن يات جي نظرين کي پنهنجي امداد ذريعي عملي طور ترقي ڪندي ڏسڻ نه ٿي چاهيو. چيني عوام جو قومي احساس ۽ جمهوريت ۽ اشتراڪيت طرف اچڻ سندن مفاد جي خلاف هو. هنن متحد ۽ مضبوط چين کي پنهنجو موت ٿي سمجهيو. سن يات کي انهن ملڪن جي سلوڪ مان نااُميدي ۽ مايوسي ٿي. تنهنڪري هن روس طرف توجهه ڏنو. هن 1923ع ۾ پنهنجي دوست چيانگ ڪائي شيڪ کي ان مقصد

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

خاطر روس روانو ڪيو ته جيئن هُو اُتان هر ممڪن مدد حاصل ڪري. روس به چين جي مدد ڪرڻ ٿي چاهي. ڇو ته روسي انقلاب اُتان جي سياست ۾ هڪ بنيادي تبديلي آندي هئي. روس جي مدبرن ۽ سياستدانن پنهنجن سياسي نظرين کي بين الاقوامي بڻائڻ ٿي چاهيو. اهوئي سبب هو جو چيانگ ڪائي شيڪ روسي مدبرن ۽ عهديدارن سان ملاقات ڪري امداد ۽ اتحاد جو معاهدو طي ڪيو.

ان معاهدي جي ترتيب کان پوءِ سن يات هڪ مرڪزي مجلس عامله بنائي، جنهن کي عوام جي بهتري ۽ ڀلائي جو ڪم سونپيو ويو. ان مجلس ۾ ڪميونسٽ ماهر شامل ڪيا ويا، ته جيئن سندن صلاح مشوري سان نئون نظام مرتب ڪيو وڃي. انهن ڪوشش جي ڪري چيني عوام ۽ مزدورن جي حالت ڏينهون ڏينهن بهتر ٿيندي ويئي. هُو سن يات جي انهن ڪوشش کان خوش ٿي هر طرح پنهنجي اڳواڻ جو ساٿ ڏيئي رهيا هئا. ڪومنتانگ جي قومي ڪانگريس جو پهريون اجلاس جڏهن مارچ 1924ع ۾ ٿيو ته ڪانگريس ان جلسي ۾ سن يات جي ٽنهي نظرين ۽ سُڌارن جي منظوري ڏني ۽ هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو ته ”اهي ٽي نظريا چين جا سياسي مسلڪ آهن، جن جي پابندي عوام ۽ حڪومت لاءِ لازمي آهي.“

SINDHI ADABI BOARD

سن يات آزادي ۽ ترقيءَ جا گس اجان تازو گهڙيا هئا، تن تي هلي منزل ماڻڻي هئي، ته هُو 12 مارچ 1925ع لاڏاڻو ڪري ويو. چين جي هن انقلابي اڳواڻ بيماري جي بستري تي پنهنجي ساٿين

سنڌي ادبي بورڊ

ڪي هي پيغام موڪليو تہ. ”انقلاب اڃان مڪمل نہ ٿيو آهي، تنهنڪري ساٿيو! اڃا اڳتي وڌندا هلو، وڌندا هلو.“

20 فيبروري 1925ع جڏهن سن يات جي حالت انتهائي نازڪ ٿي چڪي هئي ۽ هر گهڙي پنهنجو موت اکين سان ڏسي رهيو هو، ان وقت هن قوم جي نالي هيءَ وصيت ڪئي: ”چاليهن سالن جي ڏکهي عرصي ۾ مون عوام جي انقلاب خاطر پنهنجي جان مال ۽ پنهنجي زندگيءَ جي سموري مُوڙي وقف ڪري ڇڏي هئي. ان ڪوشش ۾ منهنجو فقط اهو ئي مقصد هو، تہ چين آزادي حاصل ڪري ۽ دنيا ۾ اعليٰ مقام ماڻي. انهن چاليهن سالن جي عرصي ۾ مون کي جيڪو تجربو حاصل ٿيو ان جي آڌار تي چوان ٿو تہ اهو مقصد ماڻڻ لاءِ عوام جو شعور پوري ريت جاڳائڻ کپي ۽ دنيا جي ان عوام سان ايڪو ۽ ٻڌي ڪرڻ کپي، جيڪي آزاديءَ لاءِ جاکوڙي رهيا آهن ۽ ان جاکوڙ ۾ هُو اسان کي پاڻ سان گڏ سمجهن.

اسان جو انقلاب اڃان مڪمل طور ڪاميابي جي حد تي ڪونہ پهتو آهي. سمورن دوستن ۽ هم خيال ساٿين کي گهرجي تہ هُو منهنجي تاهيل ”قومي تعمير“ واري پروگرام ”ٽئين تعمير جا بنيادي مسئلا“، ”عوام جا ٽي نظريا“ ۽ ”منشور“ جيڪو ڪومنتانگ جي پهرين ڪانگريس ۾ منظور ڪري شايع ڪيو ويو هو. تنهن جي پوري طرح پابندي ڪن ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن ۽ پُرخلوص طريقي سان ان کي ڪامياب ڪن. ان ڪان علاوه اسان قومي ڪانفرنس ۾ جيڪو اعلان ڪيو آهي، تنهن تي جلد

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

ڪان جلد عمل ڪن. اسان جا جن ملڪن سان جيڪي غير منصفاڻا معاهدا ٿيا آهن، سي سڀ منسوخ ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي.

منهنجي هيءَ دلي تمنا آهي ۽ مان اوهان کي ان جي ڪاميابي جي ذميواري سونپي رهيو آهيان.

**فقط**

**سن وين**

سن يات سين اڄ بہ سڄي قوم جو محبوب هيرو آهي. چين جو عوام اڄ بہ ان جي پوڄا ڪري ٿو. هر گهر ۾ سندس تصوير لڳل آهي. هر سياسي ۽ قومي جلسي ۾ سن جي تصوير يا مجسمي تان پردو پري ڪيو ويندو آهي. ڪيس ڏسي عوام عقيدت وچان ڪنڌ جهڪائيندو آهي. سندس وصيت مذهبي حڪمن وانگر وڏي آواز ۾ پڙهي ويندي آهي، ان ڪان پوءِ جلسي جي شروعات ڪئي ويندي آهي.

ڊاڪٽر سن يات سين جي آخري آرامگاهہ نانڪنگ ۾ آهي. هڪ خوبصورت سنگ مرمر جي مقبري ۾ سن جو روح اڄ تائين زنده آهي ۽ هرهڪ چيني جي اندر ۾ اهوئي جوش ۽ جذبو موجود آهي. جيڪو صديون اڳ هن چيني عوام جي دلين ۾ پيدا ڪيو هو.

SINDHI ADABI BOARD

# چيانگ ڪائي شيڪ

چون ٿا تہ چين جي ڌرتي تي ٽي شخص اهڙا پيدا ٿيا، جن پنهنجي شخصيت، فضيلت ۽ خدمت سبب دنيا جي تاريخ ۾ وڏو مقام ماڻيو اهي ٽي شخصيتون آهن: ڪنفيوشس، ڊاڪٽر سن يات سين ۽ جزسيمو چيانگ ڪائي شيڪ. ڪنفيوشس هزارين سال قديم يادگار آهي، ڊاڪٽر سن يات موجوده چين جو معمار آهي، ۽ جزسيمو چيانگ ڪائي شيڪ پنهنجن اڳ گذاري ويل اڳواڻن جي تخليق جو مسيحا ۽ ڪارساز آهي. چين جي عالمي عظمت ۽ معراج ڪي جيارڻ، جيڪو ڪنهن معجزي کان گهٽ نہ آهي، سن يات ۽ ڪائي شيڪ جي ڪوشش جو نتيجو آهي. توڙي جو اڻانگن پنڌن پيچرن ۽ مشڪلن ڪين منزل کان پري ڪري ڇڏيو هو، پر باهمت اڳواڻ جي دليري چيني قوم ڪي روشن مستقبل طرف وٺي آئي.

چيانگ ڪائي شيڪ جي زندگي، هڪ عام رواجي زندگي نہ آهي، بلڪ قوم ۽ ملڪ جي سياست ۽ ان جي اوسر جو هڪ داستان آهي. اهائي وڏي وصف آهي تہ هڪ اڳواڻ جي زندگي رڳو عام رواجي زندگي نہ هوندي آهي، پر اها قوم جي زندگي بڻجي ويندي آهي. جڏهن ڪنهن ملڪ ۽ قوم جي زندگي ۾ اها گهڙي ايندي آهي، تہ اها قوم ڪَر موڙي اُٿندي آهي.

چيانگ ڪائي شيڪ جو جنم چيڪانگ صوبي جي پيڪاؤ نالي هڪ ڳوٺ ۾ ٿيو. سندس پيءُ ماءُ جو تعلق هڪ وچولي





طبقي سان هو. ڪائي شيڪ جي پيءُ ٽي شاديون ڪيون هيون. ڪائي شيڪ سندس ٽئين گهرواري جي پيٽان پيدا ٿيو. هي اجا نَون ورهين جو هو تہ سندس پيءُ لاڏاڻو ڪري ويو. تنهنڪري سندس تربيت سندس ماءُ ڪئي. ڪائي شيڪ جي مالي حالت ايڏي سُٺي نہ هئي جو هُو پنهنجي زندگي سُک ۽ آرام سان گذاري سگهي. سندس ماءُ غريبي ۽ مسڪيني ۾ ڏک ڏاڪڙا ڏسي، مستقبل جي هن معمار جي تربيت ڪئي. ڪيترين ئي ڏکيائن جي باوجود هن کيس مڪتب ۾ داخل ڪرايو. پر هڪ ذهين ٻار جنهن جي فطرت ۾ علم ۽ عمل جا ڪيئي راز لِڪل هئا. تنهن ڪي عام رواجي مڪتبي تعليم پسند نہ آئي، تنهنڪري هن اها تعليم ڇڏي ڏني. سندس ماءُ گهر ۾ ئي کيس مذهبي تعليم ڏيارڻ ۽ چين جي اعليٰ ادب کان واقف ڪرڻ جو بندوبست ڪيو.

چيانگ ڪي شروع کان ئي بهادر بڻجڻ جو شوق هو. تنهن ڪري هو تعليم کان وڌيڪ ورزش ۽ راندين تي توجهہ ڏيڻ لڳو. کيس ننڍپڻ کان ئي اهو شوق هو تہ هُو فوج ۾ نوڪري ڪري، ان مقصد خاطر هُو 1906ع ۾ جپان هليو ويو تہ جيئن هُو ڪنهن فوجي ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪري سگهي. پر جپاني فوجي ڪاليج وارن کيس ڪاليج ۾ داخلا نہ ڏني، ڇاڪاڻ تہ وٽس مانچو حڪومت جو اجازت نامو نہ هو. هو اُتان مايوس ٿي موٽيو ۽ مجبورن اچي پاؤتنگ جي فوجي اسڪول ۾ داخلا ورتائين. ان اسڪول ۾، جڏهن هُو پڙهي رهيو هو تہ ليڪچر جي دوران هڪ استاد ٻڌايو تہ آمريڪي جمهوريہ جو صدر عام ماڻهن وانگر زندگي گذاري ٿو ۽ هُو هر ماڻهو سان ملاقات ڪري ٿو. چيانگ ڪائي شيڪ وچ ۾ ڳالهائيندي چيو



SINDHI ADABI BOARD

تہ. ”چو نہ ائين ڪري، هُو بہ انسان آهي، هُو چو پاڻ کي ٻين ماڻهن کان مٿاهون سمجهي.“ سندس اکين جي چمڪ ۽ گفتگو جو انداز ڏسي، استاد ڪيس چيو تہ. ”چيانگ! خبر ناهي تہ اڳتي هلي تون ڇا بڻجندين؟“

ڪيس وطن جي خراب حالت خاص طور ڌاري قومن جي اقتدار، حڪومت جو تشدد ۽ غير منصفاڻو رويو، وطن جي اصلي رهاڪن جي بيوسي ۽ مصيبت ڏسي، ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. چين جي ڌرتي تي ڌرتي ڌڻين بجاءِ ڌاريون قومون عيش و عشرت سان حڪومت ڪري رهيون هيون ۽ چيني عوام ڏک، بُک ۽ ڏُڪار ۾ وڪوڙيل هو. عوام نہ صرف اهي مصيبتون ڀوڳي رهيو هو، پر غلامي جي زنجيرن ۾ پڻ جڪڙيل هو. ايڏي وڏي طاقت خلاف ”چين جي نوجوانن جي مجلس“ جا ڪجهہ سر ڦريا ڌرتي ڌڻين کي ڏک ۽ مصيبت ۾ ڏسي ظلم ۽ ناانصافي خلاف بغاوت ڪرڻ لڳا. چيانگ محسوس ڪيو تہ چين جا هي نوجوان ملڪ جي تقدير بدلائڻ وارا آهن. هُو سندن جوش ۽ جذبي کان متاثر ٿيو. 1907ع ۾ هُو ان انقلابي جماعت ۾ شامل ٿيو ۽ انقلاب جي گُجهي سرگرمين خاطر پنهنجي قديم روايتي چوٽي ڪترائي ڇڏيائين. جيڪا قديم زماني کان هر چيني جي مٿي تي نروار هوندي هئي.

چيانگ ان سال پيڪنگ جي فوجي ڪاليج ۾ داخلا ورتي. اتي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ هُو جپان هليو ويو. حڪومت جو اجازتنامو ڏيکاري شهنشاهي فوجي ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. پوءِ هو ڪيترائي سال جپاني فوج ۾ نوڪري ڪندو رهيو ۽ جپاني حڪومت سان وفادار رهڻ جو حلف کنيائين. انهن ڏينهن ۾





جپان، چيني وطن دوستن جي انقلابي سرگرمين جو مرڪز بڻيل هو. وطن کان تڙيل انقلابي اُتي اچي گڏ ٿيا هئا. خوشقسمتيءَ سان ڪين 1909ع ۾ چين جي معمار اعظم ۽ انقلاب جي رهنما ڊاڪٽر سن يات سين سان ملاقات جو موقعو مليو. ان ملاقات چيانگ تي ايڏو گهرو اثر ڪيو، جو سندس دل ۾ جيڪا وطن جي محبت جي چڻنگ دُکي رهي هئي، سا ڀيڙ بڻجي وئي. هو هڪدم انقلاب جي عملي مسئلن ۾ شريڪ ٿي، ”تنگ منهائي“ جو ممبر بڻجي ويو.

1911ع ۾ جڏهن چين ۾ انقلاب عملي صورت اختيار ڪئي، ڪيترائي محب وطن آزادي ۽ ڪاميابي جي نشي ۾ سرشار ٿي رستي جي رنڊڪن سان مهاڏو اٽڪائي رهيا هئا. چيانگ ڪائي شيڪ جي جذبن ۾ بہ جوش آيو. وفاداري واري حلف باوجود، جپاني ملازمت ڇڏي هو چين موٽي آيو. اُتي اچي انهن انقلابين سان ملي ويو، جيڪي حڪومت، فوج ۽ شاهي خاندان خلاف پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪري رهيا هئا. وطن دوست انقلابين جا لاش روڊن رستن تي ڪِري رهيا هئا، پر ان هوندي بہ هُو اڳتي وڌندا رهيا. جڏهن ڪين مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ٿي، تہ قديم بادشاهت واري ڪاري رات ختم ٿي رهي هئي ۽ جمهوريت جي سج جا ڪِرڻا روشن ٿي رهيا هئا. چيانگ مطمئن ٿي سن يات سان گڏ 1911ع کان 1915ع تائين ملڪ جي ترقي ۽ تعمير لاءِ جاکوڙيندو رهيو. پر چين جي بدبختي جو سلسلو اڃان ختم ڪونہ ٿيو هو. انهن قربانين ۽ ايثار کان پوءِ هڪ آمر ۽ جابر حڪومت جي ظلم ۽ جبر جو خاتمو ڪرڻ لاءِ ڪيس خون جو نذرانو ڏيڻ لاءِ ميدان ۾ اچڻو پيو، تہ ڇاڪاڻ غدار صدر يان شي ڪائي پنهنجن فرضن کان منهن موڙي، بادشاهي جا

سنڌي ادبي بورڊ

خواب ڏسڻ لڳو ۽ حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ سازشون شروع ڪيائين. اهو ڏسي سن ۽ سندس ساٿين کي سخت ڪاوڙ لڳي. هنن ڏٺو ته ملڪ وري هڪ مصيبت ۾ اچي رهيو آهي. هنن ان غدار سان جنگ جوتي. ان بئي انقلاب ۾ هڪ ڀيرو وري سن جي جان خطري ۾ پئجي وئي هئي. چيانگ جڏهن ڏٺو ته سندن اڳواڻ مصيبت ۾ اچي ويو آهي، ته هُو هڪدم جنگ جي ميدان ۾ ڪُڏي پيا. هنن سن يات کي بچائي ورتو ۽ پاڻ به بچي ويا. ان واقعي سن کي ايترو متاثر ڪيو جو هڪ موقعي تي هن چئي ڏنو ته. "جيڪڏهن مون کان پوءِ منهنجي تحريڪ کي ڪو ڪامياب ڪري سگهي ٿو، ته اهو صرف چيانگ ڪائي شيڪ آهي."

بهادري ۽ مقبوليت جي اعليٰ مقام تي پهچڻ کان پوءِ چيانگ هڪدم سياست ڇڏي واپار ۾ مشغول ٿي ويو. ان ڳالهه کي عوام چيانگ جي خود غرضي سمجهيو. سندن خيال موجب هن وطن کي اهميت ڏيڻ بجاءِ واپار کي اهميت ڏني. پر سندن اها سوچ غلط هئي، عوام جي خوشحالي لاءِ دولت جي ضرورت هئي. هُو ڪجهه ڏينهن واپار ۾ مصروف رهيو. ان مان جيڪا آمدني ٿي، سا هن عوام جي خوشحالي لاءِ صرف ڪئي. بعد ۾ عوام محسوس ڪيو ته هن اهو چڱو ڪم ڪيو. 1921ع ۾ هُو وڏي دولت ڪمائي پيهر سياست ۾ شريڪ ٿيو.

SINDHI ADABI BOARD

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته ڊاڪٽر سن يات سين جي ڪاميابي ۾ چيانگ جو وڏو حصو آهي. جيئن ته چيانگ ڪائي شيڪ، ڊاڪٽر سن جو خاص صلاحڪار هو. تنهنڪري جيڪي اهم ڪم هوندا هئا، سي هي پورا ڪندو هو. ان اعتماد ۽ يقين جي ڪري





سنڌي ادبي بورڊ

هڪ ڀيرو 1922ع ۾ ڊاڪٽر سن يات ۽ چيانگ ڪائي شيڪ لڳاتار چاونجاهه ڏينهن قومي تعمير واري پروگرام جي سلسلي ۾ هڪ ڪانفرنس ۾ مصروف رهيا. اها ڪانفرنس پنهنجي نوعيت جي ڪري نهايت اهم هئي. جيئن ته اُترين علائقن جا فوجي عهديدار مرڪز خلاف سازشون سٽي رهيا هئا ۽ هڪ بئي سان وڙهي رهيا هئا. تنهن ڪري صُلح واري عالمي ڪانفرنس پنهنجو مقصد ماڻي نه سگهي. سن کي ملڪ جي تعمير ۽ ترقي لاءِ سرمايي جي ضرورت هئي ۽ اها اُميد برطانيه ۽ فرانس کان پوري ٿيندي نظر نه اچي رهي هئي. ڊاڪٽر سن يات چاونجاهه ڏينهن سوچ ويچار ۽ صلاح مشوري کان پوءِ چيانگ ڪائي شيڪ کي روس وڃڻ لاءِ راضي ڪيو، ته جيئن روس جي مالي مدد سان ملڪ جي تعمير جو ڪم جاري رکي سگهجي. 1923ع ۾ چيانگ روس ويو، اُتي وڃي هن روسي حڪومت آڏو پنهنجو موقف پيش ڪيو. اُتي رهڻ دوران سندس ملاقات ٽراٽسڪي ۽ زينوفيف سان ٿي، جيڪي 'ڪونٽرن' بين الاقوامي ڪميونزم جا روح روان هئا. روسي حڪومت چيانگ جي خواهش پوري ڪئي، ٻنهي ملڪن ۾ اتحاد ۽ دوستي جو معاهدو ٿيو. ڇهن مهينن کان پوءِ چيانگ چين مان موٽي آيو ۽ فوج جي اعليٰ عهدي تي فائز ٿيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن ڪينٽن جي ويجهو ڊامپو ۾ فوجي تربيت گاهه قائم ڪئي ۽ هڪ وڏي فوج تيار ڪيائين. جيڪا نَون فوجي طريقن کان واقف هئي ۽ وٽس جديد هٿيار به هئا. چيانگ هڪ سال جي ٿوري عرصي ۾ ايڏو وڏو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو جو عوام حيران ٿي ويو. 1925ع ۾ هو ڪومنتانگ جي اسٽينڊنگ ڪاميٽي جو صدر چونڊجي ويو. انهن

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

خدمتن جي ڪري هُو ڊاڪٽر سن يات سين جي لاڏاڻي وقت چين جي قومي فوج جو سپهه سالار ٿي ويو هو.

ڊاڪٽر سن يات مرڻ کان اڳ پنهنجي جانشيني جو انتظام ڪري ڇڏيو هو. هُو وانگ چنگ وي کي سياسي اقتدار ڏئي ويو هو. باقي فوجي انتظام چيانگ جي حوالي ڪيو هئائين. وانگ چنگ وي کابي (Leftist) جماعت جو ممبر هو. تنهنڪري توازن رکڻ لاءِ سن يات ساڄي (Rightist) جماعت جو هڪ ممبر هُوهاؤمن کي منتخب ڪيو. مگر سن يات جي مرڻ کان پوءِ اهو انتظام گهڻو وقت هلي نہ سگهيو. هُوهاؤمن جلدئي لاڏاڻو ڪري ويو. چيانگ ان موقعي کي غنيمت سمجهي وانگ چنگ وي کي ڌار ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ ڪومنتانگ جو صدر بڻجي ويو.

ڪومنتانگ جي اڳواڻي ۽ ذميوارين سنڀالڻ کان پوءِ چيانگ هر انتظامي ڪاتي ۾ سڌارا آندا. هن گهڻو توجهه فوج تي ڏنو ۽ هڪ وڏي ماهر فوج تيار ڪئي. چيانگ کي يقين هو تہ جيستائين چين متحد نہ ٿيندو ۽ مرڪز گريز طاقتون ختم نہ ٿي وينديون، تيستائين ملڪ ترقي ڪري نہ سگهندو. هن پنهنجي هڪ تقرير دوران چيو تہ، ”چين سان ٻين ملڪن جا جيڪا اڻ برابري وارا معاهدا آهن. جيستائين اهي ختم نہ ٿي ويندا، تيستائين هُو پنهنجي مهم جاري رکندو. چاڪاڻ تہ ان کان سواءِ چين آزاد ٿي نٿو سگهي.“

ڊاڪٽر سن يات ملڪ آڏو ٽي نظريا پيش ڪيا، هڪ قوميت، ٻيو جمهوريت، ٽيون اشتراڪيت (سوشلزم). چيانگ پهرين يعني قوميت ۽ ٻڌي واري نظريي کي اهميت ڏني، چيائين تہ سڀ کان پهرين چين کي متحد ڪرڻ گهرجي. ’يساري‘ (Leftist) جن ۾ ڪميونسٽ بہ هئا، تن چيانگ جي مخالفت ڪئي. هنن چيو تہ

SINDHI ADABI BOARD





شاهي خاندان جي ڏاڍ، ڏُڪار، گهرو ويڙهہ، بغاوت ۽ انقلاب جي ڪري عوام ڪنگلو، ڏکيو ۽ ٻُکيو ٿي ويو آهي. تنهنڪري پهريائين انهن کي پاڻ پرو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. قوميت ۽ ايڪي جي ڪوشش ۾ چيانگ ڪائي شيڪ کي مهاڏو اٽڪائڻ وارن فسادين سان وڙهڻو پوندو. جنهن سان ملڪ جي امن و امان ۾ خلل پوندو ۽ ڏکين ٻُکين ماڻهن جي حالت بدتر ٿي ويندي. ٻئي پنهنجي پنهنجي ڳالهين تي هوڏ ٻڌي بيٺا. ان ضد جي ڪري چيانگ ۽ ڪميونسٽن ۾ اختلاف پيدا ٿيا. جيڪي اڳتي هلي گهڻو وڏي خطرناڪ بڻجي ويا. جڏهن چيانگ ڪائي شيڪ شاهوڪارن ۽ بينڪ جي مالڪن کان قرض وٺڻ لاءِ شنگهائي ويو تہ شاهوڪارن هڪدم سندس مدد ڪئي. جيئن تہ هن ان رقم ذريعي ڪميونسٽن جي پاڙ پٽڻ تي گهري تنهنڪري سوشلسٽن، چيانگ جي ان حرڪت کان بغاوت ڪئي. چيانگ هڪدم اها بغاوت ڪچلي ڇڏي، پر سوشلسٽن سختين جي باوجود هانڪاؤ ۾ پنهنجي هڪ الڳ حڪومت قائم ڪئي.

ڪميونسٽن جي انهن اختلافن هوندي چيانگ ڪائي شيڪ قوميت ۽ اتحاد خاطر اُتر چين جي فوجي عهديدارن تي حملو ڪيو ۽ هڪ ٻئي پٺيان هُو سندن علائقا فتح ڪندو رهيو. اها مهم جولاءِ 1928ع تائين جاري رهي. هن اُتر چين جي گاديءَ وارو شهر پيڪنگ بہ فتح ڪيو. پيڪنگ جي فتح صحيح معنيٰ ۾ اُتر ۽ ڏکڻ جي مرڪز مخالف قومن جو خاتمو ڪيو ۽ متحده چين جو بنياد رکيو. اهڙيءَ ريت سڄو چين چيانگ جي اقتدار ۾ اچي ويو. ان فتح کان پوءِ پيڪنگ بجاءِ نانڪنگ کي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو.

سنڌي ادبي بورڊ

جيئن تہ پيڪنگ انتهائي اُتر ۾ هو. تنهنڪري ڏاکڻين علائقن تي نگراني رکڻ مشڪل هئي. نانڪنگ جي هن قومي حڪومت کي برطانيہ بہ 1928ع جي آخر ۾ تسليم ڪيو.

انهن فتحن کان پوءِ چيانگ فلاحي ۽ تعميري ڪمن طرف توجهہ ڏنو. هن ملڪ ۾ سوين ميل ڊگهيون سڙڪون ٺهرايون ۽ ريل جو انتظام ڪيو ۽ ٻين گهڻين ئي سهوليتن جو پڻ انتظام ڪيو. انهن ڪمن جي ڪاميابي لاءِ ٻاهرين ملڪن جرمني، برطانيہ، فرانس ۽ بيلجيم کان قرض ورتا ويا. ملڪ ۾ مقامي حڪومت خوداختياري رائج ڪئي وئي. هارين کي ٿوري وياج تي قرض ڏنو ويو. 1931ع ۾ هڪ قومي معاشي ڪائونسل قائم ڪئي وئي ۽ مجلسِ اقوام جي ماهرن کي صلاح مشوري ۽ رهنمائي لاءِ سڏايو ويو. ڪيترين ئي بئنڪون قائم ڪيون ويون. تعليم عام ڪرڻ لاءِ سوين اسڪول ۽ ڪاليج قائم ڪيا ويا.

جزسيمو چيانگ معاشرتي انقلاب لاءِ هڪ نئين تحريڪ جي شروعات ڪئي. اها نئين تحريڪ ”نئين زندگي تحريڪ“ جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جو مقصد هو قديم ۽ جديد اصولن جي هم آهنگي سان زندگيءَ جو هڪ نئون فلسفو پيش ٿي سگهي. نيڪي، عدل، انصاف ۽ سهڻا اخلاق، جيڪي هن نئين دور ۾ پوين پساهن ۾ هئا، تن کي فنا ٿيڻ کان بچائي سگهجي ۽ ماديت جي هن دور جي تهذيب کي بہ اهڙي ريت اختيار ڪيو وڃي، تہ جيئن قديم آداب ۽ اخلاق کي ڪو نقصان نہ پهچي. اها تحريڪ اصل ۾ مشرق کي مغرب تي فتح حاصل ڪرڻ جي حوالي سان چين جي ان عظمت جو هڪ مظهر آهي، تہ چين مغرب کان متاثر هوندي بہ

SINDHI ADABI BOARD





مشرق جي روحانيت کي ڇڏڻ نہ ٿي گهريو. ان تحريڪ جو اڳواڻ خود جزسيمو هو. ان تحريڪ ٿوري عرصي ۾ وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪيون. مادام چيانگ ان تحريڪ تي عمل ڪرائڻ خاطر جلسن، تقريرن ۽ تحريرن ذريعي مستفيد ڪندي رهي. چيانگ ڪائي شيڪ جو خيال هو تہ جيڪڏهن هيءَ تحريڪ ڪامياب ٿي تہ ملڪ ۾ امن و امان قائم ٿي ويندو ۽ نئين تعليم سان گڏوگڏ عوام ۾ سهڻا اخلاق بہ موجود رهندا.

اهڙن فلاحي ڪمن سان ملڪ ۾ امن و امان قائم ٿيڻ گهربو هو. پر چين جي بدقسمتي، جو ائين ٿي نہ سگهيو. چيانگ ۽ ڪميونسٽن ۾ جيڪي اختلاف هئا، سي ڏينهون ڏينهن وڌندا رهيا. چيانگ کي اهو شڪ هو تہ ڪميونسٽ چين ۾ بالشويڪي (انقلاب پسند) نظام رائج ڪرڻ گهرن ٿا. اهو شڪ تڏهن پڪ ۾ تبديل ٿيڻ لڳو، جڏهن ڪميونسٽن جون ڪي اهڙيون لکتون چيانگ کي مليون، جن ۾ اهو مقصد چِٽو نظر ٿي آيو. ڪميونسٽن چيانگ جي اتحاد واري تحريڪ جي مخالفت ڪري، پنهنجي هڪ ڌار حڪومت قائم ڪئي هئي.

جڏهن نانڪنگ ۾ قومي حڪومت قائم ٿي وئي تہ چيانگ ڪومنتانگ مان سمورن ڪميونسٽن کي تڙي ڇڏيو. مشهور روسي، جنرل گيلن ۽ بورڊين کي بہ ملڪ مان تڙي ڇڏيائون ۽ ڪميونسٽ تحريڪ تي ملڪ ۾ پابندي لڳائي وئي. ان کان علاوه ڪين هانڪاؤمان بہ نيڪالي ڏئي ڇڏيائون. ڪميونسٽن ان جي ڪا پرواهہ نہ ڪئي. هنن نانچانگ ۾ وڃي پناهہ ورتي ۽ ان شهر کي گاديءَ جو هنڌ ٺاهيو. اتي ڪميونسٽن جي اڳواڻ چواين لائي سرخ فوج جو بنياد

سنڌي ادبي بورڊ

رکيو. جيڪا جلدئي وڏي فوج بڻجي وئي. چيانگ ڪائي شيڪ جي ان ڪميونسٽ دشمني جي باوجود ڪميونسٽ لاڙا عوام ۾ مقبول ٿي رهيا هئا. چين جا مزدور، هاري ۽ شاگرد ڳاڙهي جهنڊي هيٺ ٽولن جي صورت ۾ گڏ ٿي رهيا هئا. ملڪ جي معاشي بدحالي ۽ سچائي جي اهائي تقاضا هئي ته عوام مساوات ۽ ترقي واري ان نظام جو مددگار ٿي وڃي. اها وڌندڙ طاقت چيانگ ڪائي شيڪ کي نه وڻي. هن 1930ع ۾ متن حملو ڪيو. پر ڪميونسٽن قومي فوجن کي ٿي چار ڀيرا اهڙي شڪست ڏني جو چيانگ کي پنهنجو مستقبل پُرخطر نظر اچڻ لڳو.

ڪميونسٽن جي مقابلي ۾ قومي فوجن جي شڪست چڻ چيانگ ڪائي شيڪ جي شڪست هئي. تنهنڪري هن 1933ع ۾ وڏي تياري ڪري پنهنجي ڪمان ۾ مخالفن تي هڪ ٻيو وڏو حملو ڪيو. پر پوءِ به ڪيس ڪاميابي نصيب نه ٿي. ان شڪست ڪيس گهڻو ڪاوڙايو. هن وري وڏي جوش ۽ جذبي سان انهيءَ ئي سال آڪٽوبر ۾ هڪ وڏي فوج سان مخالفن تي ٽيون حملو ڪيو. سرخ فوج لڳاتار حملن سبب ڪمزور ٿي رهي هئي. ان وڏي حملي ڪين پٺتي هٽڻ تي مجبور ڪيو. ڪميونسٽن جي سرخ فوج هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ڪُوچ ڪندي رهي. سُرخ فوج جي اها مهم ”لانگ مارچ“ جي نالي سان مشهور آهي. جيڪا 16 آڪٽوبر 1934ع تي ختم ٿي، جڏهن سُرخ فوج هلندي هلندي اچي ”ينان“ شهر ۾ پهتي. مانچوريا جو فوجي آفيسر چيانگ سيولانگ، جنهن کي ”ينگ مارشل“ سڏيو وڃي ٿو، سو چيانگ ڪميونسٽن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. هُو پنهنجي ان مهم ۾ انتهائي پريشان ٿي ويو. جڏهن

SINDHI ADABI BOARD





ته سندس فوج، سرخ فوج جي مقابلي ۾ شڪست تي شڪست کائڻ لڳي. ان موقعي کي غنيمت ڄاڻي ڪميونسٽن ينگ مارشل کي پنهنجي پرچار ۽ تحريڪ کان واقف ڪرايو. ينگ مارشل پاڻ به محسوس ڪيو ته عوام ان تحريڪ کي ان ڪري پسند ڪري ٿو، جو ان ۾ ئي سندن بهتري، ڀلائي ۽ ترقي آهي. اهوئي سبب آهي جو هُو ان تحريڪ کان متاثر ٿي، ان ۾ شريڪ ٿي ويو ۽ چيانگ کي سرخ فوج سان مفاهمت ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيائين. جنگ جي اهڙي صورتحال ۾ ان عجيب تبديلي چيانگ کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو ته شڪاري خود شڪار ٿي ويو. هو هڪدم هوائي جهاز ذريعي ”سيان“ آيو. ينگ مارشل ۽ ٻين ڪميونسٽن ملڪي صورتحال ۽ جپان جي حريص ارادن بابت ڪيس ٻڌايو. پر پوءِ به چيانگ جي ڪاوڙ نه لٿي. ان موقعي تي ڪميونسٽن 12 ڊسمبر 1936ع چيانگ جي رهائش واري جڳهه جي ويجهو بغاوت ڪئي. جڏهن چيانگ کي اها خبر پئي ته هُو پنهنجي گهر جي ديوار ٽپي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته هيٺ ڪِري پيو، پٺي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو. ڪيس ان حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. ان صورتحال مان اها اميد هئي ته هو ڪميونسٽن جا مطالبا مڃيندو. پر مٿس ڪو اثر نه ٿيو. هُو مرڻ لاءِ تيار هو، پر آڻ مڃڻ لاءِ تيار نه هو. اتفاق سان اهو مامرو بنان ڏڪ ۽ غم جي ڀڃاٽي کي پهتو. مادام چيانگ ۽ ڪائي شيڪ جي هڪ انگريز دوست ڊانلڊ، پنهنجي ذاتي ڪوششن سان چيانگ ڪائي شيڪ کي مجبور ڪيو ته هُو وطن جي مفاد خاطر اهي مطالبا مڃي. هنن ٻنهين جي زور ڀرڻ تي چيانگ اهي شرط مڃيا. اهڙيءَ ريت ڪميونسٽن ۽ چيانگ جا

سنڌي ادبي بورڊ

اختلاف ختم ٿي ويا ۽ چين ايڪي ۽ ٻڌي واري صحيح منزل تي پهچي ويو. ڪميونسٽن تان پابنديون ختم ڪيون ويون. روس سان ٻيهر تعلقات قائم ڪيا ويا ۽ 25 ڊسمبر چيانگ کي آزاد ڪيو ويو. سندس آزاد ٿيڻ تي سڄي چين ۾ خوشيون ملهايون ويون. روشنيون ڪيون ويون. واقعي چين جي قومي زندگي ۾ اهو عيد جو ڏينهن هو. جنهن ڏينهن چين ”هڪ“ ٿي ويو.

سرخ فوج ۽ ڪومنتانگ جو اهو ايڪو جپان لاءِ هڪ عذاب هو. چاڪاڻ ته ان اتحاد سان قومي ٻڌي ۽ ايڪو پيدا ٿي چڪو هو ۽ روس به چين جو حامي بڻجي چڪو هو. انهن حالتن جپان جي حريص نگاهن ۽ شهنشاهي ارادن کي شڪست ڏني. هن ڏٺو ته چين ۾ ايڪي ۽ ٻڌي جي اڃان هينئر شروعات ٿي آهي، وڌيڪ وقت ۽ مهلت ملڻ سان هو وڌيڪ مضبوط ٿي ويندو. اهو سوچي جپاني حڪومت فيصلو ڪيو ته هينئر ئي چين تي حملو ڪيو وڃي. نيٺ 7 جولاءِ 1937ع جپان چين تي حملو ڪيو. جپان جي وڏي طاقت اڳيان چين هيٺو ٿي پيو ۽ کيس شڪست ملي. جيڪڏهن چين جي شڪست جو غور سان مطالعو ڪيو وڃي، ته معلوم ٿيندو ته حقيقت ۾ اها شڪست نه هئي، پر چيانگ ڪائي شيڪ جي دورانديشي ۽ دانائي جو هڪ نمونو هئي. تنهنڪري چيانگ جي فوجي ڍاهپ جو مختصر ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. سندس فوجي ڍاهپ ٽن دورن تي مشتمل آهي. پهرين دور ۾ چيانگ ملڪ جو بچاءُ ۽ جنگ جي تياري لاءِ ڪجهه مهلت حاصل ڪئي. ٻئي دور ۾ هن گوريلا جنگ واري تجويز تي عمل ڪيو. چيني گوريلا

SINDHI ADABI BOARD





سپاهين. جپاني سپاهين کي ڏوڪو ڏئي مختلف ٽولن ۾ ورهائي، ڪين خطرناڪ هنڌن تي آڻي نقصان پهچايو. ٽيون دور عملي طور جنگ ڪرڻ جو هو، جيڪو گذريل ٻن دورن مان حاصل ڪيل سهوليتن سبب شروع ٿيو.

چين جي اڌ حصي تي جپان قبضو ڪيو هو. پر ان هوندي به چيني ست سال جپان جي ڏاڍ ۽ ظلم جو مقابلو ڪندا رهيا. تاريخ ۾ اهڙا مثال ورلي ملي سگهن ٿا. اهڙين ڏکين حالتن ۾ چينين جو اڳواڻ چيانگ ڪائي شيڪ هو، جيڪو ڏينهن رات وطن جي بچاءَ ۽ آزادي لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. ان کان پوءِ چينين جي ان هردلعزيز اڳواڻ هندوستان وڃي هندوستان ۽ چين جا پراڻا تعلقات بحال ڪيا.

## چيانگ ڪائي شيڪ جي خانگي زندگي:

هندوستان پنهنجي اکين سان پنهنجي مهمان کي ڏٺو ته هو ڪيڏو نه بااخلاق، بامروت ۽ بردبار آهي. پر هُو سياسي معاملن ۾ سخت ۽ اٽل ارادي وارو آهي. سندس شهرت جو وڏو راز سندس گهرواري مادام سونگ آهي، جنهن سان سندس بي پناهه محبت هئي. مادام سونگ سندس ٻيو نمبر گهرواري هئي. چيانگ جي پهرين شادي چيني رسم و رواج مطابق پندرهن ورهين جي عمر ۾ مس ميئو سان ٿي هئي. پر ان گهرواري سان سندس تعلقات سٺا نه هئا. تنهنڪري هن 1921ع ۾ کيس طلاق ڏئي ڇڏي. پهرين گهرواري مان کيس هڪ پُٽ ڄائو هو. جنهن جو نالو چنگ ڪُو هو. چنگ ڪُو وڏو ڪميونسٽ هو. تڏهن جڏهن ڪائي شيڪ ۽ ڪميونسٽن ۾ سخت اختلاف هئا. چنگ ڪُو پيءُ سان مهاڏو اٽڪائڻ نامناسب سمجهي رُسي روس هليو ويو. جڏهن ڪميونسٽن

۽ چيانگ ۾ صلح ٿيو. ته چنگ ڪُو به وطن موٽي آيو ۽ پوءِ ڪيانگسي صوبي جو ڪمشنر بڻيو.

پهرين گهر واري کي طلاق ڏيڻ کان پوءِ چيانگ جي مس مئي لِنگ سونگ سان ملاقات ٿي. پهرين ئي ملاقات ۾ هُو متس موهت ٿي پيو. هن ڪيترائي ڀيرا ساڻس محبت جو اظهار ڪيو. پر مادام هر وقت بيرخي ڪندي رهي. چيانگ جي ساڻس محبت ڏينهون ڏينهن وڌندي ويئي. هن پڪو پهه ڪيو هو ته سونگ سان ئي شادي ڪندو. ان شادي ۾ وڏي رنڊڪ اها هئي ته سونگ عيسائي هئي. جيڪڏهن چيانگ عيسائي ٿي وڃي ها ته پوءِ شادي ۾ ڪا رنڊڪ نه رهي ها. پر هن شادي خاطر مذهب مٽائڻ نه ٿي گهريو. سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن ڪيس عيسائيت ۾ ڪا سچائي ملي وئي ته هُو اهو مذهب قبول ڪندو. ان شرط تي مادام سونگ راضي ٿي وئي. ڊسمبر 1927ع ۾ سندن شادي ٿي. شادي کان پوءِ چيانگ عيسائيت جو گهرو مطالعو ڪيو ۽ آڪٽوبر 1930ع ۾ هُو عيسائي ٿي ويو. پر عيسائي ٿي وڃڻ کان پوءِ به هُو قديم چيني عقيدن موجب بزرگن جي پوڄا ڪندو رهيو.

چيانگ ڪائي شيڪ چين جو روح روان بڻجي ويو. ڪميونسٽ ڪيس فاشسٽ اڳواڻ ۽ مخالف آمر سڏيندا هئا. مخالفن جي اها ڪوشش هوندي هئي ته ڪيئن به ڪري سندس وقعت ختم ڪئي وڃي. پر هيءَ حقيقت آهي ته چيانگ جي شخصيت ئي مُلڪ کي ڪُنن ۽ طوفانن کان بچائي قوم کي منزل تي رسايو. ڪميونسٽن جي اختلافن ۽ اعتراضن جي ڪري هن عظيم اڳواڻ جي خدمتن کي وساري نٿو سگهجي، جيڪي هن جديد چين جي





ترقي ۽ بقا لاءِ ڪيون. چين جي اها خوشقسمتي هئي جو بحراني دور ۾ ان کي چيانگ ڪائي شيڪ جهڙو اڳواڻ مليو. جنهن پنهنجي جاکوڙ سان چين کي ان اعليٰ مقام تي پهچايو. جيڪو ان ملڪ جو هزارين سال اڳ مقصد هو. جنهن ملڪ ۾ اهڙا اڳواڻ پيدا ٿيندا. ان ملڪ ۽ قوم جي تقدير بدلجي ويندي ۽ اها قوم دنيا ۾ پنهنجو نيڪ نالو ۽ اعليٰ درجو حاصل ڪندي ۽ ان جا مخالف سدائين ناڪام ۽ نامراد رهندا.

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD

# ماؤزي تونگ

چين ۾ ڪميونسٽ سرگرمين جي شروعات ڊاڪٽر سن يات جي ڪوشش سان ٿي. پر ان تحريڪ جي بقا ۽ اوسر ماؤزي تونگ هٿان ٿي. تنهنڪري چيو ويندو آهي ته ماؤزي چين جو لينن آهي، سندس ڪوشش چين کي زندهه ۽ برقرار رکڻ ۾ جيڪو ڪم ڪيو، تنهن کي چين ڪڏهن به وساري نٿو سگهي.

ماؤزي انهن مشهور هستين جي صف ۾ آهي، جيڪي اونداهي پسمنظر، گمنام گهراڻي ۽ غير معروف ماحول مان نڪري پنهنجي بلندين جي بدولت، آسمان تي ائين چانئجي وڃن ٿا، جن جي جوت سان سارو جڳ روشن ٿي وڃي ٿو. هُو هڪ غريب ۽ مسڪين هاري جي گهر ۾ 1893ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد ماؤجن شنگ، هونان صوبي جو هڪ معمولي هاري هو. وڏي محنت جي باوجود به ڪيس ايترو نه ملندو هو، جو هو پيٽ پالي سگهي. بُک ۽ بيروزگاري ڪري سندس خاندان وارن کي محنت مزدوري ڪرڻي پوندي هئي. اهوئي سبب آهي جو ماؤ کي به ننڍپڻ ۾ ئي نوڪري ڪرڻي پئي. ماؤجن شنگ جي قسمت ۾ ڪي چڱا ڏينهن به آيا. جڏهن هُن پوکي راهي ڇڏي چانورن جو واپار شروع ڪيو. جڏهن سندس مالي حالت ڪجهه سُڌري ته ماؤزي کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. هن هڪ مقامي اسڪول ۾ تيرهن سالن جي عمر تائين تعليم حاصل ڪئي.





انهن ڏينهن ۾ چين جو تعليمي نظام ايڏو پراڻو ۽ ناقص هو، جو شاگردن جي پڙهڻ تي دل ئي نه ٿيندي هئي. استادن جي سختي ۽ مارڪُٽ کان بيزار ٿي ماؤزي اسڪول ۽ گهر مان ڀڄي ويو. مائٽن سندس ڳولها ڪئي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪيس ڳولهي لڌائون. پڙهڻ سان چاهه نه ڏسي، ڪيس پنهنجي ڌنڌي سان لڳايائون. ماؤزي انهن ڏينهن ۾ ذاتي طور چيني ادب جو اڀياس ڪيو ۽ ان تي عبور حاصل ڪيو. هُو مفيد ادب جو مطالعو ڪندو رهيو. اخبارن ۽ مضمونن ذريعي ڪيس چين جي بدحالي جو احوال معلوم ٿيندو رهندو هو. جنهن کان متاثر ٿي هُو وطن جي آزادي ۽ خوشحالي لاءِ تدبيرون سوچيندو ٿي رهيو. سڄو ڏينهن ٻني تي ڪم ڪرڻ ۽ شام جو انهن تدبيرن تي سوچڻ ۾ مصروف رهندو هو. صبح شام سندس اهوئي مشغلو هوندو هو.

انهن ڏينهن ۾ چين ۾ خطرناڪ ڏُڪار پيو. لکين چيني بُک جو شڪار ٿي ويا. اهڙين حالتن سبب چين جي نوجوانن بغاوت جو پيڙ مچايو. هُو هڪ مرڪز تي اچي مڙيا. ماؤزي کي به ان نئين انداز جي خبر پئي. هُو به سوچڻ لڳو ته طاقت سان ئي آزادي ۽ امن نصيب ٿي سگهي ٿو. خوراڪ ۽ آزادي گهرڻ سان نه ٿي ملي سگهي، پر اهي محنت سان ملن ٿيون. ان موقعي تي ماؤزي جي هڪ مائٽ ڪيس ٻڌايو ته شيانگ ۾ هڪ نئون اسڪول کليو آهي، جتي جديد طريقي سان تعليم ڏني وڃي ٿي. اهو ٻُڌي ڪيس تعليم حاصل ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق ٿيو. هن اتي وڃي ان اسڪول ۾ داخلا ورتي.

سنڌي ادبي بورڊ

ان اسڪول ۾ پڙهڻ کان پوءِ ڪيس معلوم ٿيو تہ چين جي شهنشاهہ جو نالو ڇا آهي؟ اُتي هن عالمي سياست سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. اُتان تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هُو چنگشا ويو، جو سندس وطن کان سٺ ميل پري هو. هو پيرين پنڌ وڃي اُتي پهتو. پر اتي هُو رڳو ڇهہ مهينا رهيو. ڇو تہ اُتان جون سياسي حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيون هيون. اُتي ڪيس هڪ انقلابي اخبار پڙهڻ جو موقعو مليو، جنهن ۾ مانچو خاندان جي خلاف قوميت پسندن جي مهم جو ذڪر هو، ڪينٽن ۾ حڪومت خلاف بغاوت جو پيرائتو احوال هو. ان ئي هفتي چنگشا ۾ بہ بغاوت شروع ٿي ۽ هڪ عارضي قومي حڪومت قائم ٿي. ان هنگامي دوران ماؤذي جي حب الوطني وارو جذبو جاڳي پيو ۽ هُو انقلابي جماعت ۾ شامل ٿي ويو. ڇهہ مهينن تائين انقلابي فوجي جي حيثيت سان قومي تحريڪ ۾ مصروف رهيو.

جڏهن انقلاب جا لُڙ جهيڙا ختم ٿيا، تہ هن وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ پنهنجي سياسي معلومات ۾ واڌارو ڪندو رهيو. اُتي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هونان صوبي جي هڪ نارمل اسڪول ۾ داخلا ورتائين جتي رهائش ۽ کاڌو پيتو مفت ۾ هو. ان سهوليت سبب ڪيس موقعو مليو تہ هُو اطمينان سان پنهنجي تعليم جاري رکي سگهي. هُو اُتي پنج سال رهيو ۽ اعليٰ سَند بہ حاصل ڪيائين.

SINDHI ADABI BOARD

ان شاگردي واري زندگيءَ کان پوءِ ماؤذي سياست شروع ڪئي، ڪجهہ نوجوانن کي پنهنجو هم خيال بنائي 1917ع ۾ هڪ انجمن قائم ڪيائين، جنهن جو مقصد چين جي معاشي ۽ سياسي





سنڌي ادبي بورڊ

آزادي هو. ان انجمن جو نالو ”مجلسِ عاليہ نوجوانانِ چين“ رکيو ويو. شروع ۾ ان جا ممبر سٺ ستر هئا. اهي ئي اڳتي هلي چين جا وڏا ڪميونسٽ ۽ انقلابي بڻيا. انهن مان اڪثر 1927ع ۾ چيانگ ڪائي شيڪ جي مخالفت واري مهم جو شڪار ٿيا. هوريان هوريان ان انجمن کي ايڏي مقبوليت حاصل ٿي، جو ان جون ڪيتريون ئي شاخون شنگهائي، هنڪاؤ، ٽينسٽين وغيره ۾ قائم ٿيون.

ماؤذي کي مالي مشڪلن مجبور ڪيو تہ هُو ڪنهن روزگار سان لڳي تہ جيئن بُک ۽ بدحالي کان بچي سگهي. ان ڪري هُو پيڪنگ هليو ويو ۽ اُتي وڃي هڪ ڪتاب گهر ۾ معمولي نوڪري قبول ڪيائين. انهن ئي ڏينهن ۾ ماؤذي جي ڪن دوستن ڪيس فرانس هلڻ لاءِ مجبور ڪيو، تہ جيئن هُو چيني شاگردن جي سياسي تحريڪ ۽ يورپ جي سياسي تحريڪ جو اڀياس ڪري سگهي. پر ماؤذي انڪار ڪندي چيو، ”پهريائين چين جي حالتن کان واقف ٿيڻ ضروري آهي، ان کان پوءِ مان ٻاهر ويندس.“

هُو 1919ع ۾ پيڪنگ ڇڏي، چنگشا موٽي ويو. ڇاڪاڻ تہ انهن ڏينهن ۾ چنگشا شاگردن جي سياسي تحريڪن جو مرڪز هو. اُتان شاگردن جو هڪ رسالو بہ شايع ٿيندو هو. ان رسالي جو ايڊيٽر ماؤذي کي بڻايو ويو. پر حڪومت ان رسالي کي سرڪار مخالف سمجهي، ان تي بندش وجهي ڇڏي. ماؤذي کي وري پيڪنگ موٽڻو پيو. اُتي ڪيس هڪ اطلاعاتي اداري جو صدر بڻايو ويو. اُتي رهائش دوران سندس ملاقات چين جي ٻين مشهور انقلابين ۽ ڪميونسٽن سان ٿي. انهن ملاقاتن ماؤذي جي انقلابي جذبن کي سگهارو ڪيو. هُو وري چنگشا موٽي ويو، جتي هن هڪ اسڪول ۾

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

نوڪري ڪئي. اها نوڪري دراصل ماؤزي لاءِ هڪ اهڙو ذريعو هئي، جنهن جي ذريعي هُو اُتي نوجوانن ۾ انقلابي جوش ۽ جذبو جاڳائيندو رهيو.

شاگردن کان علاوه 1920ع ۾ ماؤزي کي مزدورن جي محاذ تي به ڪم ڪرڻو پيو. هُو سندن سياسي تنظيم ۾ مصروف ٿي ويو. ڪين مارڪس ۽ اينگلز جي تعليم کان واقف ڪندو رهيو. ماؤزي خود به چاهيو ٿي ته ڪميوزم جو گهرو مطالعو ڪرڻ گهرجي. هُو پيڪنگ ويو، اتي ڪميونسٽن جي مدد سان جيترو به ڪميونزم بابت ادب ملي سگهيو، هن ان جو اڀياس ڪيو. ان وقت چين ۾ ڪا ڪميونسٽ انجمن قائم نه ٿي هئي. 1920ع ۾ ايم.مارلن چين آيو. هُو ٽين بين الاقواميه جو سرگرم رُڪن هو. شنگهائي ۾ چيني ڪميونسٽن جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. بحث مباحثي کان پوءِ مئي 1921ع ۾ ڪميونسٽ جماعت قائم ڪئي وئي. ان جماعت ناهڻ ۾ لائي ٽي چاؤ، چن ٽُو سيو ۽ ماؤزي جون ڪوششون شامل هيون. ان انجمن جي وجود ۾ اچڻ سان ئي چين ۽ چين کان ٻاهر فرانس، جرمني ۽ جپان ۾ به ان انجمن جون شاخون قائم ٿيون. ماؤزي هونان جي ڪميونسٽ جماعت جو سيڪريٽري هو. هن 1922ع ۾ اتي ٽريڊ يونين ۽ ٻين مزدور جماعتن جو بنياد رکيو. هونان صوبو سڄي چين ۾ ڪميونسٽ تحريڪ جو اهم مرڪز هو. اهي سرگرميون ڏسي 1922ع ۾ حڪومت به ڪميونسٽ شاگرد ماري ڇڏيا.

SINDHI ADABI BOARD

1923ع ۾ ڪينٽن ۾ چيني ڪميونسٽن پنهنجي ساليانی ڪانفرنس ڪوٺائي. ان موقعي تي هنن پاڻ کي ڪومنتانگ سان





سنڌي ادبي بورڊ

ڳنڍي ڇڏيو. ان وقت ماؤزي چيني ڪميونسٽ مجلس عامله جو ممبر هو. هنن تحريڪ هلائي ته روسي مدبرن کي چين اچڻ جي دعوت ڏني وڃي، ته جيئن چيني مسئلن جي حل ۾ ڪانئن مدد وٺي سگهجي. ڪومنتانگ ماؤزي جون صلاحيتون ڏسي پنهنجي هڪ ”سياسي هفتيوار“ جو ڪيس ايڊيٽر مقرر ڪيو. انهيءَ ايڊيٽري جي زماني ۾ ماؤزي ٻه پمفليٽ به لکيا، جيڪي ڪميونسٽ مقصد ۽ چيني سياست بابت هئا.

ڪومنتانگ ۾ ڪميونسٽن ۽ حڪومتي جماعتن جي وچ ۾ 1926ع ۾ اختلاف پيدا ٿيا. نتيجي ۾ ساڄي ۽ کاٻي ٻه جماعتون وجود ۾ آيون. 1927ع جي بهار ۾ هوپيي، ڪيانگسي، فوڪين ۽ هونان ۾ هارين ۽ مزدورن ۾ ساڄي جماعت جي خلاف سخت جذبا پيدا ٿيا. جيڪي اڳتي هلي جهيڙي جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. جنهن کي تاريخ ۾ لانگ مارچ (Long March) جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ان موقعي تي ڪميونسٽن جي رهبري ۽ رهنمائي جي سلسلي ۾ ماؤزي جيڪو ڪم ڪيو، سو ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. ماؤجي ذمي هي ڪيو ويو هو.

1. صوبائي ڪميونسٽ جماعت کي ڪومنتانگ کان ڌار ڪيو وڃي.
2. عوام ۽ مزدورن جي هڪ فوج ٺاهي وڃي.
3. ننڍن، وچولن وڏيرن ۽ زميندارن جي ملڪيت تي قبضو ڪيو وڃي ۽ اها ڪميونسٽ حڪومت جي ملڪيت ۾ ڏني وڃي.
4. هونان صوبي ۾ ڪميونسٽ حڪومت قائم ڪئي وڃي.
5. ڪميونسٽ حڪومت جي تنظيم ڪئي وڃي.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

اهي سمورا ڪم سولا نہ هئا. پر ماؤ جي اٽل ارادي ۽ حب الوطني ڪيس ايڏو سگهارو بڻايو هو. جو هُو انهن پنجن مان چئن تي ڪامياب ٿي ويو. هن مزدورن جي هڪ فوج تيار ڪئي، جنهن کي پهرين ڊويزن سڏيو ويندو هو. هُو هارين، شاگردن ۽ گوناٽن کي بہ فوجي تربيت ڏيندو رهيو. اهي ڳالهيون ڏسي ڪومنتانگ جي ڳجهي پوليس ڪيس گرفتار ڪيو. هن رشوت ڏئي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هُو ڪامياب ٿي نہ سگهيو. ڪيس قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. ڪيس مقتل ڏانهن وٺي وڃي رهيا هئا. مقتل جو مفاصلو بہ سؤ گز باقي هو تہ هُو وڏو ٽپ ڏيئي پوکن ۾ ڇپجي ويو. لِڪندو ڇُپندو وڃي پنهنجن ساٿين سان مليو.

ڪميونسٽ جماعت ماؤڏي جون شاندار خدمتون ڏسي ڪيس جنگي محاذ جو صدر منتخب ڪيو. چيانگ ڪائي شيڪ ماؤڏي جي سرگرمين کان ڊڄي ويو تنهن ڪري سندس گرفتاري جو حڪم ڏنائين ۽ گرفتار ڪرڻ واري لاءِ بہ لک پائونڊ انعام جو اعلان ڪيائين.

جڏهن ڪميونسٽن جو ٻيو ساليانو اجلاس ٿيو تہ ماؤڏي کي سندس خدمتن جي صلي ۾ ڪميونسٽ حڪومت جو صدر چونڊيو ويو. ان ڪانفرنس ۾ نوي لک ڪميونسٽ شريڪ هئا. ماؤڏي ڪميونسٽن جو هردلعزيز ۽ محبوب ترين اڳواڻ آهي. جڏهن لانگ مارچ (Long March) کان پوءِ ڪميونسٽن ۽ چيانگ ڪائي شيڪ ۾ صلح ٿي ويو، تہ ماؤڏي مُلڪ کي جپان جي خطري کان واقف ڪيو ۽ قومي محاذ قائم ڪرڻ لاءِ زور ڀريندو رهيو. ماؤڏي پنهنجي جماعت سان جپان جو مقابلو ڪندو رهيو. چين جو عوام، گوناٽا،

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

هاري مزدور سڀ ساڻس ساٿ ڏيندا رهيا. سندس ساٿين ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيندو رهيو.

ماؤڏي هر روز ارڙهن ڪلاڪن کان بہ وڌيڪ ڪم ڪندو رهندو هو. ڪيس مطالعي جو ايڏو شوق هو. جو جنگي محاذ تي بہ موقعو ملڻ تي مطالعو ڪندو رهندو هو.

اها هڪ عجيب ڳالهہ آهي تہ هو هڪ وڏو جرنيل بہ هو، سياستدان بہ هو ۽ هڪ اديب بہ هو. لانگ مارچ جي دوران هن پنهنجي فوجن جي حيرت انگيز طريقي سان ڪمان ڪئي ۽ ان سان گڏوگڏ ڪميونسٽ حڪومت جي تنظيم بہ ڪئي، جيڪو سندس ڏاهپ ۽ ڪارنامن جو چِٽو ثبوت آهي. هُو هڪ جادو بيان مقرر بہ هو. جڏهن پنهنجي فوج جي آڏو تقرير ڪندو هو تہ سپاهين جي دلين ۾ هڪ طوفان مچي ويندو هو. هُو جڏهن جپانين جي حيوانيت خلاف تقرير ڪندو هو تہ ورهين جون ٿڪل فوجون جوش ۾ اچي دشمن تي ڪَڙڪي پونديون هيون.

ماؤڏي تونگ چيني ڪميونسٽن جو قائد هڪ وڏو مُحب وطن هو، هُو هڪ عام گوناٽي قبيلي ۾ پيدا ٿيو هو. سندس عظيم ڪارنامن سبب اڄ سڄي دنيا ڪيس سڃاڻي ٿي ۽ عزت ۽ احترام ڪري ٿي، چاڪاڻ تہ هن جي ئي ڪري چيني عوام ۾ سجاڳي پيدا ٿي.

SINDHI ADABI BOARD

◈

سنڌي ادبي بورڊ

## چوتيءَ

چين جي ڪميونسٽ تحريڪ جو روح روان ۽ سرخ فوج جو جرنيل هڪ عجيب و غريب انسان هو، جنهن کي دنيا ’چوتي‘ جي نالي سان ياد ڪري ٿي. چوتي مختلف تضادن جو مجموعو هو. سندس جنم هڪ اهڙي خاندان ۾ ٿيو، جيڪو سرمائيدار، رجعت پسند ۽ عياش هو. هُو اهيئي روايتون کڻي انهيءَ ماحول ۾ اُڀري وڏيو. پر اوچتو سندس اکيون کُليون ۽ هُو هڪدم انقلابي ٿي ويو. ان کان پوءِ سندس زندگيءَ ۾ اهڙو نئون موڙ آيو، جو سرفروشي ۽ وطن پرستي سندس تقدير بڻجي وئي. هُو چين ۾ ڪميونسٽ تحريڪ جو سردار ۽ وطن جي آزاديءَ جو علمبردار، جان نثار ۽ شهسوار بڻجي ويو. سندس انهن خوبين جي ڪري دنيا ڪيس چين جو ’تمو شنڪو‘ سڏي ٿي.

چوتي، ذي چيوان صوبي جي هڪ ڳوٺ نائي لنگ ۾ 1886ع ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ ماءُ زميندار هئا، جيڪي چين جي مشهور سرمائيدارن ۾ ڳڻيا ويندا هئا. مڪتب جي معمولي تعليم کان پوءِ هن ينان فوجي اڪيڊمي ۾ فوجي تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ داخلا ورتي، اُتان تربيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ هُو فوج ۾ ليفٽيننٽ جي عهدي تي فائز ٿيو. جڏهن مانچو خاندان خلاف انقلاب جي باهه پڙڪي، تڏهن هن پنهنجي فوج باغين ۽ انقلابين سان شامل ڪري ڇڏي. چوتي جو اهو جذبو ڏسي، انقلابي سندس حُبِ وطن کي مڃڻ لڳا. جڏهن انقلاب کان پوءِ ’يا شي ڪائي‘ غدار صدر جمهوريه

SINDHI ADABI BOARD





پنهنجي بادشاهي جي آغاز جي ڪوشش ڪئي، ته هُو بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري ميدان ۾ ڪُڏي پيو. هن تڏهن سُک جو ساهه کنيو، جڏهن ظلم، جبر ۽ آپيشاهي دور جو خاتمو ٿيو.

ان فوجي شهرت سان گڏوگڏ سياسي معاملن ۾ به چوتي ڀرپور حصو ورتو. ينان جي محڪمه حفاظتِ عامه جا فرض اهڙي سهڻي نموني نڀايا، جو جمهوري حڪومت ڪيس ماليه جو صوبائي ڪمشنر مقرر ڪيو، پر چوتي پنهنجي خانگي زندگي پنهنجن وڏڙن جي روايتن موجب گذاري رهيو هو. هُو انتهائي سخت مزاج ۽ جابر هو. هُو خراب عادتن وارو ۽ عيش و عشرت جو ڪوڏيو هو. آفيم جو شوقين هو. هُو ايڏو عياش ۽ نفس پرست هو جو هن نَوَ شاديون ڪيون هيون، ان کان علاوه ڪيترين ئي سندس سُريتون هيون.

هڪ عياش آفيمي چين جو تموشنڪو ڪيئن بڻيو؟ درحقيقت عظمت ۽ معراج تي پهچڻ جو ذريعو ۽ سبب سندس مطالعي جو شوق هو. مطالعو سندس محبوب مشغلو هو، آفيم به کائيندو رهيو، عيش به ڪندو رهيو، پر مطالعو به ڪندو رهيو. ان گهري مطالعي ڪيس چين جي حقيقت کان واقف ڪرايو، ته ملڪ جون حالتون بهتر نه آهن. ملڪ ۾ جمهوري نظام حڪومت، هارين ۽ مزدورن جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ ڪوبه انتظام نه ڪري سگهيو آهي.

SINDHI ADABI BOARD

ملڪ جون ابتر حالتون ڏسي ڪيس گهڻو ڏک ۽ افسوس ٿيندو هو، سندس دل ۾ انقلابي جذبا جاڳيا ۽ هُو وڏن واري ميراث کان بيزار ٿيڻ لڳو، نيٺ 1920ع ۾ خوبصورت عورتن جي پيار کان پري ٿي، عيش و عشرت واري زندگي ڇڏي، وڃي ڪومنتانگ ۾

شريڪ ٿيو. شنگھائي اچڻ کان پوءِ سندس ملاقات ڪميونسٽ وطن دوستن سان ٿي، هنن کيس پنهنجي مقصد، پنهنجي پرچار ۽ پنهنجي پروگرام کان واقف ڪيو ۽ کيس مجبور ڪيو، تہ تون جيڪڏهن قوم جو خادم بڻجڻ ٿو چاهين، تہ آفيم کائڻ ڇڏي ڏي. ڪنهن قوم جي روشن مستقبل جي اهائي نشاني آهي، تہ ان جا رهبر ۽ رهنما سجاڳ هوندا آهن. چوٿي تي انهن ڳالهين جو اهڙو اثر ٿيو جو هن آفيم ڇڏي ڏنو. هڪدم نشو ڇڏڻ سان سندس طبيعت خراب ٿي پئي، ائين ٿي لڳو تہ هُو مري ويندو. چاليهن سالن جي هڪ پراڻي عادت ڇڏي ڏيڻ ڏکي ڳالهہ آهي. پر سندس اٽل ارادي ۽ انقلابي جذبي سبب سندس طبيعت ۾ بهتري آئي. هُو جرمني ويو، جتي سندس ملاقات چيني شاگردن سان ٿي، جيڪي ڪميونسٽ مسلڪ جا پوئلڳ هئا. انهن ڪميونسٽ دوستن کيس مارڪس ۽ اينگلز جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا. سندس مطالعي جي شوق ۽ پرولتاري (Proletary) انقلاب، انهن پنهن ڳالهين کيس ڪميونسٽ بڻايو. هن روسي انقلاب ۽ مارڪسيت جو گوڙهو مطالعو ڪيو. جرمني ۾ سندس حيثيت هڪ معمولي سپاهي واري هئي. هُو ان حالت ۾ فرانس بہ ويو. اُتي بہ چيني ڪميونسٽ شاگردن سندس جذبن ۾ جوش پيدا ڪيو. هُو روس ويو ۽ ماسڪو ۾ ”مشرق جي محنت ڪشن واري يونيورسٽي“ ۾ داخلا ورتائين. اُتي کيس ڪارل مارڪس، اينگلز، لينن ۽ ٽراٽسڪي جي خيالن ۽ عقيدن جو گوڙهو مطالعو ڪرڻ جو موقعو مليو. 1925ع ۾ هُو شنگهائي موٽي آيو ۽ اچي جنرل ’چوپي تي‘ جي فوج ۾ شامل ٿيو.





چوپي تي کيس 1927ع ۾ نانچانگ جي محڪم حفاظت عامہ جو صدر مقرر ڪيو. ان دوران هن هڪ ننڍي فوج تيار ڪئي. ان کي جديد تربيت ڏياري، هن ڪومنتانگ جي نائين فوج سان پنهنجو تعلق پيدا ڪيو.

ان دوران چيانگ ڪائي شيڪ جي قومي فوجن ۽ ڪميونسٽن جي فوجن وچ ۾ جنگ شروع ٿي، چيانگ ۽ ڪميونسٽن جي ان مخالفت جو احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي. چوٿي ڪميونسٽ هو ۽ جنرل چوپي تي جو ماتحت هو. چوپي تي چيانگ ڪائي شيڪ جو ساٿي هو. اهو موقعو چوپي تي لاءِ ايڏو عجيب و غريب هو، جو هُو پريشان ٿي ويو تہ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي. ڪميونسٽن جي مدد سندس فرض هو. پر ائين ڪرڻ سان کيس سرڪاري ۽ فوجي فرضن ۽ پنهنجي ڪمانڊر جي حڪمن جي خلاف ٿيڻو ٿي پيو. نيٺ هن ڪميونسٽن جي مدد جو فيصلو ڪيو. هُو پنهنجي ڪمانڊر جي مخالفت ۾ ميدان ۾ لهي پيو. نائين فوج جو هڪ وڏو حصو بہ چوٿي سان شامل ٿي ويو. ڪميونسٽن کيس سياسي مشاورت جو صدر بڻايو. چيانگ ڪائي شيڪ کي جيترو خطرو چوٿي مان هو، اوترو ٻئي ڪنهن ڪميونسٽ مان نہ هو. هن کيس گرفتار ڪرڻ لاءِ هڪ سِٽ سِٽي. هڪ رات چيانگ ڪائي شيڪ جي ساٿين اوچتو سندس رهڻ واري هنڌ مٿس حملو ڪيو. سندس گهر جي چئني طرفن کان گهيرو ڪيو ويو. ڪجهہ ماڻهو هٿيار ڪٽي سندس آرام واري ڪمري ۾ گهڙي آيا. هُو ان وقت جاڳي چڪو هو. هن جڏهن ڏٺو تہ دشمن کيس گولي هڻڻ وارا آهن، تہ هن چيو تہ، ”چوٿي اندر آهي، مان سندس بورچي آهيان.“ پر دشمن

سنڌي ادبي بورڊ

سندس آواز سڃاڻي ورتو ۽ کيس گرفتار ڪيائون. کيس گولي هڻڻ وارا هئا تہ هن اوچتو پنهنجي هٿيار سان ان شخص تي حملو ڪيو ۽ تيزي سان گهر مان ڀڄي ويو.

ان مصيبت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ کان پوءِ هُو ڪجھ ڏينهن کان پوءِ بئي ڪميونسٽ اڳواڻ ماؤزي تونگ سان وڃي مليو. انهن ٻنهين جي فوجن متحد تي قومي فوجن جو مقابلو ڪيو ۽ لانگ مارچ شروع ڪيو. جيڪو چين ۾ ڪميونسٽ تحريڪ جي ڪاميابي ۽ ڪميونزم جو بنياد آهي. چوتي ئي اهو ڪمانڊر هو. جنهن سرخ فوج جي تربيت ڪئي. ان کي نئين سِر منظم ڪيو ۽ قومي فوجن جو مقابلو ڪيو. مجبور ۽ بيوس سرخ فوج پنهنجي بيوسي جي باوجود ايڏي تہ سگهاري ٿي وئي. جو چيانگ ڪائي شيڪ کي هڪ سرخ سپاهي جي قتل لاءِ بہ لک ڏھ هزار رپيا خرچ ڪرڻا پوندا هئا.

مئي 1928ع ۾ چوتي ۽ ماؤزي تونگ متحده تي قومي فوجن جي خلاف سرخ فوج جي اڳواڻي ڪئي. چوتي جي ان ڏاهپ کان تنگ ٿي چيانگ ڪائي شيڪ سندس گرفتاري لاءِ بہ لک پائونڊ انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو. پر پوءِ بہ چوتي گرفتار ٿي نہ سگهيو.

1931ع ۾ چوتي کي سرخ فوج جو ڪمانڊر ان چيف مقرر ڪيو ويو. چين پنهنجي هزار مجبورين باوجود جپان جو وڏي همت سان مقابلو ڪيو. ان بچاءَ جو سهرو سرخ فوج ۽ چوتي جي سر سونهين ٿو. وطن جي آزادي لاءِ چوتي هڪ بهادر ۽ مُحبِ وطن انسان وارو ڪردار ادا ڪيو.

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

چوتي جي گهر واري هڪ گوناڻي ڇوڪري هئي، جيڪا ڪميونسٽ عقيدي جي پرستار ۽ جانثار هئي. چيني عورتن جي هڪ مختصر فوج جي ان عورت تربيت ۽ تنظيم ڪئي ۽ عورتن جي هڪ نرسنگ جماعت پڻ ٺاهي، جيڪا زخمي سپاهين جي ٽهل ٽڪور ۽ ملم پٽي ڪندي رهندي هئي ۽ وطن جي بچاءَ لاءِ اها چوتي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڏي همت سان وڙهندي رهي. ان سان گڏ هزارين چيني عورتن جي هڪ فوج پڻ هوندي هئي، جيڪا وطن تان هر وقت قربان ٿيڻ لاءِ تيار رهي ٿي. جڏهن ڪنهن ملڪ جي عورتن ۾ اهڙي سڄاڳي اچي وڃي، تہ ان ملڪ جو مستقبل ڪنهن تشريح جو محتاج نہ ٿو رهي، بلڪ محڪوم ۽ غلام قومن لاءِ هڪ سبق آهي تہ اهي بہ پنهنجي وطن جي آزادي واري جنگ ۾ مشهوري حاصل ڪن.

هُو ايڏو بهادر هو جو پنجاھ سالن جي ان پوڙهي کان جپاني ڊڄندا هئا. چيني عوام خاص طور مزدور، هاري ۽ گوناڻا سندس پرستار هئا. شروع ۾ هُو آفيمي هو، عياش هو، پر وطن جي ابتر حالتن سندس دل ۾ اهڙو قوميت جو جذبو پيدا ڪيو، جو هُو وطن جي آزاديءَ جو محافظ ۽ نگران بڻيو. بيشڪ، جنهن قوم ۾ چوتي جهڙا محب وطن پيدا ٿيندا، ان قوم جي تقدير بدلجي ويندي.

قومن جي تقدير تڏهن بدلجندي آهي، جڏهن انسان فضول روايتن کان بغاوت ڪندو آهي، وطن جي حُب ۾ سرشار ٿي ان جو جانثار بڻجي ويندو آهي. چوتي جي زندگي بہ چين جي آزادي ۽ خوشحالي لاءِ وقف هئي. چين عيش عشرت، آفيم ۽ ٻين نشن کان نجات حاصل ڪري آزادي جي منزل ماڻي.

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ
SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

## ضميمو الف

| نمبر | حڪمران خاندان | حڪومت جو زمانو |
|---|---|---|
| 1. | اصنامي | 2697 ق.م کان 2205 ق.م |
| 2. | شيا | 2205 ق.م کان 1766 ق.م |
| 3. | شانگ يايِن | 1766 ق.م کان 1122 ق.م |
| 4. | چاؤ | 1122 ق.م کان 249 ق.م |
| 5. | چِن | 249 ق.م کان 207 ق.م |
| 6. | هان | 206 ق.م کان 220 ع |
| 7. | وي | 220 ع کان 264 ع |
| 8. | چن | 265 ع کان 419 ع |
| 9. | سُنگ | 420 ع کان 478 ع |
| 10. | چي | 478 ع کان 502 ع |
| 11. | ليانگ | 502 ع کان 557 ع |
| 12. | چَن | 557 ع کان 589 ع |
| 13. | سُوئي | 589 ع کان 618 ع |
| 14. | تانگ | 618 ع کان 907 ع |
| 15. | لِيانگ | 907 ع کان 922 ع |
| 16. | تانگ | 923 کان 935 ع |
| 17. | چِم | 936 ع کان 946 ع |
| 18. | هان | 946 ع کان 950 ع |
| 19. | چاؤ | 951 ع کان 959 ع |
| 20. | سُونگ | 960 ع کان 1280 ع |
| 21. | يان | 1280 کان 1368 ع |

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

| | | |
|---|---|---|
| 22. | مِنگ | 1368 کان 1644ع |
| 23. | چِنگ يامانچو | 1644ع کان 1911ع |
| 24. | جمهوريہ چين | 1911ع |

SINDHI ADABI BOARD



سنڌي ادبي بورڊ

## ضميمو ب

## جمهوريہ چين جا مختلف دور

| نمبر | دور | مدت | خاص ڳالهيون |
|---|---|---|---|
| 1. | چيني انقلاب | آڪٽوبر 1911ع کان فيبروري 1912ع | جمهوريہ چين قائم ٿيڻ. ڊاڪٽر سن يات سين جمهوريہ چين جو پهريون صدر چونڊيو ويو. |
| 2. | يان شي ڪائي | 15 فيبروري 1912ع کان 6 جون 1916ع | ڊاڪٽر سن ين ڏينهن جي صدارت کان پوءِ پنهنجي عهدي تان استعفيٰ ڏني. آمريت جو دور: يان شي ڪائي صدرجمهوريہ چين 'پسرجنت' ۽ چين جو بادشاهہ هئڻ جي دعويٰ ڪئي. |
| 3. | گهرو ويڙهہ جو دور | 1916ع کان 1927ع | صدارت لاءِ ڪشمڪش ۽ گهرو |

SINDHI ADABI BOARD

سنڌي ادبي بورڊ

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | ويڙهه. |
| .4 | چيانگ ڪائي شيڪ | 1927ع | 12 مارچ 1926ع سن يات لاڏاڻو ڪري ويو ۽ چيانگ ڪائي شيڪ جمهوريه چين جو صدر بڻيو. |
| الف.4 | نانڪنگ جي قومي حڪومت | 1928ع | ڪائي شيڪ جون فتحون ۽ اُتر چين ۾ گهرو ويڙهه جو خاتمو. |
| ب .4 | ڪميونسٽ مخالف دور | 1928ع کان 1936ع | ڪائي شيڪ جي ڪميونسٽ دشمني، ڪميونسٽن جي لانگ مارچ ۽ سندن ڪاميابي. |
| ج .4 | چين ۽ جپان جي جنگ | 1937ع ۾ لڳي | 7 جولاءِ 1937ع جپان چين تي حملو ڪيو. |

SINDHI ADABI BOARD



# مددي ڪتاب


1. The Last Of The Empresses. — *by Danele vere*
2. The Chines People (Their Past. Present and Future.) — by *Etwett-Sutton*
3. The Great Wall of China — by. *W.E Geil*
4. A Short History of China — by *C B.Dimetrius*
5. Affairs- of China — *by E Teichman*
6. The Chinese: Their History and Culture. — by *K S. Lateurette*
7. Sun Yat-Sen And The Chinese Republic — by *P. Linebarger*
8. Imperialism and Nationalism in the Far-East — by *D.E Owen*
9. In War-Time China — by *F.W Price*
10. Red Star Over China — by *Edgar Snow*
11. Encyclopaedia Britanica — 14th Edition (*1929*)


SINDHI ADABI BOARD

رسالا:

سنڌي ادبي بورڊ

1. World Review (*All China Number*)
2. Current Affairs. (*All China Number*)

SINDHI ADABI BOARD





سنڌي ادبي بورڊ

## مترجم جو نوٽ

اردو زبان جي مشهور اديب مير عابد علي خان ’مشاهير چين‘ نالي هڪ ڪتاب لکيو هو، جيڪو دارالاشاعت سياسيہ و مجلس اتحاد المسلمين پاران حيدرآباد دکن ۾ 1944ع شايع ٿيو هو. هي ان ڪتاب جو ترجمو آهي.

چين اسان جو پاڙيسري ۽ دوست ملڪ آهي. آبادي جي لحاظ سان دنيا جو تمام وڏو ملڪ آهي. تاريخ ۾ قديم روايتن وارو هڪ ملڪ، فلسفين جو گهوارو، فنڪارن جو ديس، جتي وڏا عالم، اديب ۽ انقلابي اڳواڻ پيدا ٿيا. پر اسان کي پنهنجي پاڙيسري ۽ دوست ملڪ بابت گهٽي ڄاڻ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي زبان ۾ چين جي تاريخ ۽ اُتان جي مشهور ماڻهن بابت تمام ٿورو مواد موجود آهي.

هن ڪتاب ۾ چين جي 9 شخصيتن بابت مفيد معلومات ڏنل آهي، جن ۾ فلسفي بہ آهن، مصلح بہ آهن تہ انقلابي اڳواڻ بہ آهن. گڏوگڏ چين جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي تاريخ پڻ شامل آهي.

SINDHI ADABI BOARD

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ چين هڪ قديم ۽ عظيم ملڪ آهي، جنهن جي تاريخ ساڍا چار هزار سال پراڻي آهي. ان ڊگهي عرصي ۾ چين جي سرزمين تي وڏا عالم، اديب، فلسفي، مصلح، حڪيم، آرٽسٽ، سياستدان، مدبر ۽ ويڙهاڪ پيدا ٿيا. هن ڪتاب ۾ اهڙين شخصيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي تاريخ ساز هئا، جن چين جي تقدير بدلائي ڇڏي.

مؤرخن جو اندازو آهي تہ چين جي تاريخ مسيح عليہ السلام جي ولادت کان ٽي هزار سال اڳ شروع ٿئي ٿي. ابتدائي تاريخ هڪ ڏندڪٿائي چئي سگهجي ٿي، ان دور جا رڳو قصا ۽ڪهاڻيون موجود آهن، جن کي ڪا تاريخي حيثيت حاصل نہ آهي.

چين جي سياسي تاريخ جي شروعات اڄ کان ڇہ هزار سال ق.م شروع ٿئي ٿي، جڏهہ (الف) جي پهرين شهنشاهہ 'شي هوانگ ٽي' چين فتح ڪري، هڪ وڏي ملڪ جو بنياد رکيو. شي هوانگ ٽي جي خاندان وڏي عرصي تائين چين تي حڪومت ڪئي. سندن عروج ۽ زوال جي انهن مرحلن ۾ ان وقت خلل پيدا ٿيو، جڏهن تيرهين صدي ۾ منگولن چين تي حملو ڪري فتح حاصل ڪئي، ان نئين فتح جو باني مشهور فاتح قبلہ خان هو، ان کان پوءِ سترهين صدي ۾ اُتر کان 'مانچو' قبيلي چين تي حملو ڪري فتح حاصل ڪئي ۽ پنهنجي حڪومت جو بنياد رکيو. جيڪو پوءِ 1911ع ۾ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو ۽ هڪ نئين نظام يعني جمهوريت لاءِ راهہ هموار ٿي.

چين تي اٺڪل چوويهن خاندانن ۽ قبيلن حڪومت ڪئي، ان دوران چين کي جن عروج ۽ زوال جي مرحلن مان گذرڻو پيو، سو هن ملڪ جي سياسي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿي سگهي ٿو. ان سموري عرصي ۾ اسان کي چينين متعلق اهويتو پوي ٿو تہ هو، قوم پرست، محب وطن ۽ انفراديت پسند هئا. هنن نہ ٿي چاهيو تہ ڪي ڌاريا سندن ملڪ تي حڪومت ڪن. پنهنجي انفراديت برقرار رکڻ لاءِ هنن ٻين ملڪن سان لڳ لاڳاپا رکڻ کان ڪنارو ڪيو. هنن ملڪ جي مفاد خاطر ٻين ملڪن سان رڳو تجارتي تعلقات قائم رکيا.





تاريخ ٻُڌائي ٿي تہ ڪيترن ئي ملڪن جي حڪمرانن چين جي استحصال لاءِ مختلف طريقن ۽ بهانن سان ويڇهڙائي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪي عيسائي مشنري عيسائيت پکيڙڻ لاءِ آيا تہ ڪي چينين کي موالي بڻائڻ لاءِ آفيم کڻي آيا. مطلب تہ دشمنن چين ۾ مختلف طريقن سان انتشار پيدا ڪيو. جيڪڏهن 'سن يات سين' ۽ 'چيانگ ڪائي شيڪ' جهڙا اڳواڻ نہ هجن ها، تہ چين جو وڏو نقصان ٿئي ها. 'ڊاڪٽر سن يات سين' ۽ 'مارشل چيانگ' هڪ پٺتي پيل ملڪ کي اعليٰ مقام عطا ڪيو. تنهنڪري دشمنن جي من جي دعا پوري ڪانہ ٿي سگهي ۽ کين هر محاذ تي شڪست ملي.

چين جي هزارين سال پراڻي تاريخ ۾ سَون ماڻهن مان عابد علي خان اهڙن عظيم انسانن جو انتخاب ڪيو آهي، جيڪي چين جا (ب) وطن ۽ معمار هئا. 'ڪنفيوشس' ۽ 'ليوزي' روحانيت جي درو جا اڳواڻ هئا. جيڪي دنيا جي مهان ماڻهن ۾ ڳڻيا وڃن ٿا. 'شي هوانگ ٽي' ۽ 'چائن لنگ' چين جا عظيم سياسي اڳواڻ هئا. ملڪ داويجر هڪ عورت چين تي حڪمراني ڪئي. هوءَ سياڻي هئي، وڏي سياستدان هئي ۽ جنگي ميدان سر ڪرڻ جي ماهر هئي پر اها شهنشاهت جي آخري يادگار هئي. ڊاڪٽر سن يات سين ۽ چيانگ ڪائي شيڪ نہ فقط چين، پر دنيا جا مشهور مهان انسان هئا. سندن زندگي سُتل قومن لاءِ سجاڳيءَ جو نعرو آهي ۽ زوال پذير قومن لاءِ آزادي ۽ انقلاب جو پيغام آهي. 'ماؤزي تونگ' جي لانگ مارچ دنيا جي تاريخ جو هڪ حيرت انگيز واقعو آهي. لانگ مارچ ماؤزي تونگ ۽ 'چوتي' جي جدوجهد جو انقلابي گس ۽ ڏس آهي، ٻئي اڳواڻ محب وطن ۽ قوم پرست



سنڌي ادبي بورڊ SINDHI ADABI BOARD

هئا، جن سُتل عوام کي جاڳايو. ڪين متحد ڪيو ۽ آزادي واري جنگ ۾ شريڪ ڪيو. جيڪو سندن عقل ۽ فهم جو اعليٰ مثال آهي.

چيني وڏا فنڪار، حساس، محنتي ۽ ڏاها آهن. ريشم جي صنعت ۾ جيڪو مصوريءَ جو ڪمال هنن ڏيکاريو آهي، سو بي مثال آهي. سندن ٺاهيل برتن، دنيا جي عجائب خانن ۾ هڪ عجوبو لڳن ٿا. اهي برتن ڏسي ماڻهو حيران ٿي وڃي ٿو.

چين جي لپي به منفرد آهي ته سندن طرز تحرير به منفرد آهي، ساري دنيا ۾ ساڄي کان کاٻي يا کاٻي کان ساڄي لکيو وڃي ٿو پر چين واحد ملڪ آهي، جتي مٿان کان هيٺ لکيو وڃي ٿو. هنن وٽ صوتي الفاظ نه آهن، پر سندن الفاظ علامات آهن، جن جا خاص مفهوم آهن.

چين ٻُڌمت جو وڏو مرڪز آهي، اتي اسلام جو به اثر رهيو آهي. چون ٿا ته مشرقي ايشيا ۾ پهرين مسجد چين جي سرزمين ۾ ٺاهي وئي، نبي سڳوري ﷺ جي حديث آهي ته ”علم حاصل ڪيو، توڙي چين وڃڻو پوئي.“ اڄ نه فقط پاڪستان، پر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا شاگرد چين مان مختلف علوم ۽ فنون ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. تنهنڪري انتهائي ضروري ٻ اسان اهڙي قديم ۽ عظيم ملڪ جي سياست ۽ تهذيب و تمدن جو مطالعو ڪريون. اهوئي سبب آهي جو مون هن ڪتاب جو ترجمو ڪيو، ته جيئن پڙهندڙن کي پنهنجي پاڙيسري ۽ دوست ملڪ جي مهان ماڻهن بابت معلومات ملي سگهي. اميد ته هيءُ ننڍڙو ڪتاب سنڌي پڙهندڙن کي چين جي تاريخ، تهذيب تمدن ۽ اُتان جي مشهور هستين بابت مفيد معلومات ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

(ج)





مان پبليڪيشن ڪاميٽيءَ جي معزز ميمبرن ۽ بورڊ آف گورنرس جي معزز ميمبرن جو شڪرگذار آهيان، جن هيءُ ڪتاب ڇپرائڻ جي منظوري ڏني، خاص طور عالي جناب سائين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جي مهرباني، جن جي دلچسپيءَ سبب هيءُ ڪتاب سهڻي نموني ۽ جلدي ڇپجي پڌرو ٿيو.

آخر ۾ پريس جي عملي خاص طور سيڪريٽري سيد سڪندر علي شاهه جو شڪريو ادا ڪريان ٿو، جن هيءُ ڪتاب سُهڻي نموني ڇپرايو آهي.

ڪراچي سنڌ — نواز علي شوق

10- اپريل 2021ع

(د)

SINDHI ADABI BOARD